عتيق الله ميمڻ

# سنڌي ٻوليءَ جو مختصر تعارف

**_Abstract:_**

*Sindhi is an ancient, extensive and rich language which has remained source of communication since last several thousand years. It has original roots in the ruins of Mohan - Jo – daro. According to G. R. Hunter, all languages have same roots and they are coming out of the same stuff including Script of writing.*

*After the attack of Aryans, Sindhi was in practice here and it was used for the purpose of poetry, office, Industry, trade, religion, and education. In this era, Sindhi words were used in "Chachnama". In the Arab period, the Holy Quran was translated in Sindhi and in Soomra`s era, Sindhi Poetry emerged with local forms like **Gheech, Ghahh, Ginan** etc which were in use with new words.*

*Sindhi is original and ancient language because of its merits and unique qualities. Most of local and foreign scholars conducted research about Sindhi in perspective of universal language or on the basis of linguistic principles, but Sindhi stands unique and different. Ernest Trump called it a branch of Sanskrit, but Allama Deen Muhammad Waffai related it with Arabic language. Dr. Nabi Bux Baloch called it affiliated to Sami group of Language, but Dr. Ghulam Ali Allana called it Independent and Sovereign language. It was Allama Ubedullah Sindhi who called it heavenly language which was descended from the sky, but we have not found any revealed Book in Sindhi.*

*In light of the excavation of ruins of Sindh especially Mohan – Jo– Darro, it has been classified that Sindhi is not off – shoot of Sanskrit, but it has its own separate and unique identity. As for the question of its heavenly importance is concerned unless any revealed Sculpture may be found from the excavation of some ruins, which are still unexplored, it is just an speculation.*





*Sindhi Language is evolved throughout history with developed and extensive richness. Due to this, Kavi Raj Sekor called Sindhi a source of all Asian Languages and it is called mother of languages because of its impact upon all other language with its novelty and newness in linguistic patterns. Besides, it has its own romantic legends and unique literature. It interlinks and connects with other languages of the world. So, its words do increase day by day and it is getting rich day by day.*

*Sindhi is really expanding and it is quite full of vocabulary and required stuff which is essential for any developed language. That`s why, there are many poets, writers, scholars, short story writers and several literary books, reference books including Encyclopedias in Sindhi.*

*There is mathematical and statistical lingo present in Sindhi language. It has been used since the time of Mohan - Jo – Darro. There are signs that These system of calculation was different from present day, Terms life **"Panj Weehoon Sou**" means five twenties make one hundred. Besides, numbers are used in phrases and verses as Shah says **Chanisar chou rang, baa rango lok beeyo.**"*

*From social point of view, Sindhi is a functional language which is in practice for the purpose of preaching, writing literature, making trade, doing business, playing sports and games etc. This language has pervasive impact upon other regional languages as Seraiki, Urdu, Panjabi, Balochi etc.*

*Besides, this language is spoken all over the world wherever people of Sindh have reached, as the USA, Canada, Germany, Arabia, Malaysia, Russia etc. With its fluidity in Journalism and literature along with its eloquence, fluency and vocabulary, Sindhi is developing day by day it continues to progress with so many books, magazines, newspapers, radio and TV channels of*

*its own which keep the people of Sindh in close contact at all the times.*

**سنڌي** زبان هڪ ’قديم‘، ’ٻٽائتي‘، ’وسيع‘، ’شاهوڪار‘، ’زنده‘ ۽ ’برک‘ زبان آهي، جيڪا هزارن ورهين کان هن ملڪ ۾ ڳالهائي ٻولهائي، لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. سنڌي ٻولي، تقرير ۽ تحرير جون سموريون خوبيون پاڻ ۾ سمائي ٿي، منجهس: هر قسم جي علم ۽ هنر لکڻ جي صلاحيت موجود آهي. موجوده پاڪستان جي اندر، سنڌي ٻولي، هڪ علائقائي ٻوليءَ جي حيثيت رکي ٿي ۽ تقريباً سنڌ جي ستر سيڪڙو آبادي: سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿي. هدايت پريم، سنڌي ٻوليءَ کي، ’ٻٽائتي‘، ’قديم‘، ’سگهاري‘، ’جديد‘ ۽ ’ترقي يافته‘ زبان سڏيو آهي.

هو لکي ٿو ته: ”سنڌي هڪ ٻٽائتي ۽ قديم زبان آهي، جنهن تي سنڌ وارن عالمن ۽ ٻاهر وارن اڪابرن به خوب ڪم ڪيو آهي. سنڌي ٻولي جيئن ته نندي ڪنڌ جي هڪ قديم ۽ سگهاري ٻولي آهي، ترقيءَ جا گهڻا مرحلا طئي ڪري هڪ جديد ۽ ترقي يافته ٻولي ٿي آهي، ڪيس هڪ جامع تاريخ آهي. هڪ وڏي ايراضيءَ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، تنهن ڪري جاگرافيائي لحاظ کان گهڻائي لهجا ۽ محاورا آهن.“(پريم: ٢٠٠٧، ٦)

مٿئين ڏنل حوالي مان واضح ٿئي ٿو ته. سنڌي ٻولي، قديم ۽ ٻٽائتي ٻولي آهي، جنهن تي ڏيهي توڙي پرڏيهي، ڪيترن ئي عالمن ڪم ڪيو آهي. ڪيس: هڪ وسيع تاريخ آهي ۽ لسانياتي جاگرافيءَ جي لحاظ کان، ڪيترن ئي لهجن ۾ ورهايل آهي. سگهاري ٻوليءَ مان سندس مراد: شايد، مضبوط ۽ مستحڪم ٻوليءَ جي آهي، جيڪا زماني جي ايترين گهڻن اٿلن پٿلن ۽ تباهين کانپوءِ به پنهنجو وجود بچائيندي آئي آهي ۽ ڌارين قابض حڪمرانن جي ٻولين مان ٻولين جا آواز، اکر، لفظ ۽ علم و ادب جو ڀنڊار پاڻ ۾ سمائيندي رهي آهي، ان جي ڪري: زنده يا اُسرندڙ وسيع ۽ ويڪري زبان سڏبي آهي ۽ اهڙين صلاحيتن سبب، منجهس، هر علم ۽ هنر داخل ٿيندو رهيو آهي. ان جي ڪري: جديد يا ترقي يافته ٻولي سڏي سگهجي ٿي.

سنڌي ٻولي، پنهنجي وسيع تاريخ ۾ ڪيترين ئي ٻولين سان لاڳاپي هيٺ آئي ۽ هڪ ادبي ٻوليءَ جيان، فراخ دليءَ سان پنهنجي لغت ۽ آواز، ٻين ٻولين کي ڏنائين ۽ ورتائين. سنڌي ٻوليءَ جي ٻين ٻولين تي اثر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ جو سبب، سنڌي





ٻولي ۽ لکت جي شاهوڪاريءَ کان علاوه، سنڌ جي لکت ۽ وسيع واپار پڻ رهيو آهي. يعني، سنڌ مان ويندڙ وکرن ۽ انهن تي لکيل اکرن سبب، سنڌي ٻولي، ٻين ٻولين تي پنهنجا اثر ڇڏيندي رهي آهي. قديم سنڌ جا ماڻهو، جنهن جنهن ملڪ مان سير سفر ڪندا ويا، ته اهي: اُتي اُتي، پنهنجي تهذيب ۽ ٻوليءَ جا نشان ڇڏيندا ويا. سنڌي شاعريءَ جا نشان پڻ سنڌ کان ٻاهر ملن ٿا ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتابن جا ترجما پڻ فارسي، عربي ۽ انگريزيءَ جهڙين ٻولين ۾ ملن ٿا. ازانسوا، سنڌي ٻوليءَ ۾ شعر گوئي ۽ ڪتب نويسي، قديم زماني کان ٿيندي رهي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي، قديم ۽ ضخيم ادبي ذخيرو موجود آهي.

ان کان سواءِ، سنڌي ٻولي، قديم دؤر کان وٺي، لکت جي ڪيترن ئي نمونن ۾ لکجندي رهي آهي، منجهس نراليون صوتي، صرفي، نحوي ۽ معنوي خصوصيتيون موجود آهن جو منجهس، پنهنجا الڳ يا نرالا آواز، لفظن جو ذخيرو، جملن جي بناوٽ ۽ تمثيلي داستان يا علامتون موجود آهن. ان کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ انگن/ عددن جي ڪارج جو انوکو ۽ نرالو نظام موجود آهي. جيئن چون، ’ڪوڙي‘ معنيٰ ويهه، ۽ ’ٽي ڪوڙيون‘ چون سٺ. جڏهن ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ الف- بي ۽ انگي سرشتو پڻ، موهن جي دڙي واري تهذيب کان ملي ٿو ۽ اهو ساڳيو ئي سرشتو، اڄ ڏينهن تائين، ڪجهه واڌارن سميت، سنڌ ۾ رائج آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو: ”قديم سنڌي ٻولي يا تهذيب سئينڌئي زبان ۽ تهذيب آهي، جنهن اڳتي هلي موجوده سنڌيءَ جي شڪل اختيار ڪئي. جنهن تي ڌارين ڪاهه ڪندڙن ۽ فاتحن جي ٻولين جو اثر پيو، ۽ سندن ٻولين جو لغوي خزانو سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيو. ان هوندي به سنڌي ٻوليءَ پنهنجي بنيادي ڍانچي ۾ ڪا تبديلي نه آندي. جڏهن ته، سنڌ جي دڙن مان هٿ آيل شڪليون، ڪلچر ۽ اوزار وغيره به اهي ساڳيا ئي موهن جي دڙي وارا، اڄ به سنڌ ۾ رائج آهن ۽ قديم سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪو ديسي لفظن جو ذخيرو موجود آهي. سو اڄ ڏينهن تائين روز مره واري ٻوليءَ ۾ رائج آهي.“(الانا: ٢٠٠٩، ٢٣)

معلوم ٿيو ته، قديم سئنڌئي ٻولي، اها ئي ساڳي ٻولي آهي، جنهن موجوده سنڌي ٻوليءَ جي شڪل اختيار ڪئي آهي. جيتوڻيڪ ڌارين قابض حڪمرانن جي

ٻولين مان سنڌي ٻوليءَ، ڪيتروئي لغت جو ذخيرو، پاڻ ۾ سمايو آهي پر تڏهن بہ پنهنجي بنيادي ڍانچي ۾ ڪا تبديلي ڪونہ آندي آهي، منجهس قديم دؤر ۾ جيڪو نج، خالص يا ديسي لفظن جو ذخيرو، مروج هو، اڄ ڏينهن تائين، رائج آهي. ان ڪان سواءِ، نہ فقط ديسي لفظ، ساڳيائي سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج آهن پر سنڌ ۾ ڪيئي نشانيون، ثقافت ۽ اوزار بہ اهي ساڳيائي موهن جي دڙي وارا، رائج آهن ۽ اڄ ڏينهن تائين ساڳيو ئي ڪم ڏيئي رهيا آهن.

عربن، سنڌ تي قبضي ڪانپوءِ، عربي زبان کي، سنڌ جي دفتري، علمي ۽ ادبي زبان مقرر ڪئي ۽ سنڌ جا ماڻهو، عربي زبان ۾ شعر و شاعري ۽ ڪتب نويسي ڪرڻ لڳا. عربن جي زماني جا بہ سنڌي ٻوليءَ جي لکت جا ڪي پڪا پختا نشان؛ نظر نہ ٿا اچن. جڏهن تہ، سومرن جي زماني ڪان سنڌي لکت جا نشان، ’سنڌي- عربي رسم الخط‘ ۾ ’ڳاهن‘ ۽ ’ڳيچن‘ جي صورت ۾ ملن ٿا ۽ ’سنڌي- ديوناگري رسم الخط‘ ۽ ’چاليهہ اکريءَ‘ ۾ ’ڳنانن‘ ۽ ٻين ڏنڌوڙي لکتن جي صورت ۾ ملن ٿا.

ڊاڪٽر ناهيد پروين لکي ٿي تہ: ”سنڌي هڪ قديم ٻولي آهي ۽ سندس ادب جو دائرو بہ تمام وسيع آهي. سنڌ جي قديم تهذيب ۽ تمدن دنيا جي قديم تهذيبن مان هڪ آهي. سنڌي ٻوليءَ بہ مختلف دؤر ڏٺا آهن. عرب سياحن جي سفرنامن مان معلوم ٿئي ٿو تہ، عربن جي زماني ۾ سنڌي ٻولي مختلف لپين ۾ لکي ويندي هئي، ٻنڀور جي کوٽائيءَ مان جيڪي ٺڪريون مليون آهن، انهن تي ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي اکر اڪريل مليا آهن. اسلام جي اچڻ ڪان پوءِ سنڌ جي رهواسين سنڌي ٻوليءَ کي عربي صورتخطيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو. تڏهن بہ سنڌ جي هندن وٽ پراڻا نمونا رائج رهيا.“(پروين ناهيد: ٢٠٠٩، ١١٦)

سندس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو تہ، سنڌي ٻولي، هڪ قديم ٻولي آهي ۽ ان جي ادب جو دائرو تمام گهڻو وسيع آهي. سنڌ ۾ اسلام جي ڦهلاءَ ڪانپوءِ، سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ عربي اکر رائج ٿيا پر تڏهن بہ سنڌ جي هندن ۾ ديوناگري طرز جا اکر مروج رهيا.

سومرن جي زماني ڪان سنڌي ٻوليءَ ۾ نئين سر ادب تخليق ٿيڻ لڳو ۽ سنڌ تي انگريزن جي قبضي تائين سنڌي ادب، ڳاهن، ڳيچن، ڳنانن، بيتن، واين، ڪافين،





شبدن، شلوڪن، ٻچنن، پنجڙن، راڳن، گيتن، ڪبتن، قصيدن، حمدن، نعتن، مداحن، مناجاتن، مرثين، نوحن، مثنوين، سي حرفين ۽ سخن جي ٻين نمونن ۾ محفوظ ٿيندو رهيو. سومرن جي وقت ڪان ويندي ٽالپرن جي زماني تائين جو گهڻو ادب پڻ ميسار يل آهي، جنهن تي پڻ مفصل نموني سان روشني پيل نہ آهي ۽ ڪيترو ادب اک ڪان اوجهل آهي. سنڌي ادب جون موجوده تاريخون، فقط تذڪري تائين محدود آهن، جڏهن تہ تاريخ کي جديد تنقيدي اصولن پٽاندڙ تحرير ٿيڻ گهرجي ۽ شاعرن توڙي نثر نويسن جي، فن، فڪر توڙي ٻوليءَ جي ڪاريگرين جي چڱي ريت پرک ٿيڻ گهرجي. يعني، سنڌي ادب جي تشريحي تاريخ لکجڻ گهرجي، تہ جيئن، سنڌي ادب جي اؤسر کي مفصل نموني سان بيان ڪري سگهجي، سنڌي نثر ۽ نظم جي مضمون ۽ فن جي ارتقائي کي، درجي بدرجي بيان ڪري سگهجي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي مختلف دؤرن ۾ پرکي سگهجي يا موجوده سنڌي ٻوليءَ جو قديم سنڌي ٻوليءَ سان سلسليوار ڳانڍاپو جوڙي سگهجي. ڇو تہ ٻولي، ادب جي وسيلي محفوظ ٿئي ٿي، خاص طور تي شاعر، ٻوليءَ جا محافظ ٿين ٿا؛ جيڪي پنهنجن شعرن وسيلي ٻوليءَ جو ذخيرو جمع ڪن ٿا ۽ سنڌي ٻوليءَ جو قديم ذخيرو، سنڌي شعر ۾ محفوظ آهي.

سنڌي ٻولي، سنڌ ۾، انگريزن جي آمد ڪان بہ گهڻو اڳ، هڪ وسيع، ڀرتو ۽ شاهوڪار ٻولي هئي جيڪا، هزارن ورهين ڪان اظهار جو ذريعو رهي آهي، ان ڪان سواءِ، انگريز دؤر ڪان اڳ سنڌي ٻوليءَ ۾ وڏج واپار ٿيندو رهيو ۽ علم و ادب تخليق ٿيندو رهيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ بابا فريد، ٻاڳو ٻان، پير صدرالدين، سمنگ چارڻ، قاضي قادن، مخدوم نوح، شاهہ ڪريم، شاهہ لطف الله قادري، ميين شاهہ عنات رضوي، شاهہ لطيف، خواجہ محمد زمان، ميان حافظ، روحل، سچل ۽ ساميءَ جهڙا شاعر موجود هئا ۽ انگريزن ڪان اڳاٽو، سنڌي ٻوليءَ ۾ درسي نظام پڻ ملي ٿو.

انگريز دؤر ڪان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت بيان ڪندي، ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ: ”انگريزي راڄ جي شروعات ڪان اڳ، سنڌي زبان نہ صرف تعليمي ۽ تدريسي زبان طور ڪم ايندي هئي، نہ فقط مدرسن ۾ ذريعہ تعليم طور ڪم ايندي هئي پر هن زبان ۾ تمام وڏا وڏا اديب، عالم ۽ شاعر موجود هئا، جن پنهنجي ڪلام ذريعي، پنهنجن عالماڻي شهپارن ذريعي، سنڌي زبان کي علمي ۽ ادبي زبان جي مقام ۽

معيار تي پهچائي ڇڏيو هو. انهن ۾ سچل، ميان سرفرازخان، ثابت علي شاهه، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، سامي، دلپت ۽ روحل جا نالا فخر سان وٺي سگهجن ٿا. نه فقط ايترو پر سنڌي زبان روزمره جي وهنوار کان سواءِ واپاري ڏيتي- ليتيءَ واري لکت جو ذريعو پڻ هئي. خواجه، ميمڻ ۽ هندو واپاري هن زبان کي پنهنجي پنهنجي رسم الخط جي مدد سان واپاري لکپڙهه ۾ ڏي- وٺ ۾ روزانه ڪم آڻيندا هئا.“(الانا: ۱۹۸٧، ۲۵٧)

ڊاڪٽر الانا جي ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو ته، برطانوي دؤر کان اڳ، سنڌي زبان، سنڌ ۾ تعليمي زبان طور مروج هئي ۽ سنڌ جي مدرسن ۾ پڙهائي ويندي هئي. اهو پڻ واضح ٿئي ٿو ته ان وقت ۾ سنڌي ٻولي لهه وچڙ ۽ وٽج واپار جو ذريعو پڻ هئي. سنڌ جا خواجه، ميمڻ ۽ هندو واپاري، سنڌي ٻوليءَ کي لکت جي الڳ الڳ نمونن ۾ لکندا هئا ۽ واپاري لکپڙهه ۽ ڏي وٺ ۾ ڪم آڻيندا هئا.

انگريزن کي ان ڳالهه جي شابس آهي ته، انهن سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ، سنڌي ٻوليءَ کي مان ڏنو. ان کي سنڌ جي دفتري، علمي، ادبي ۽ نشر و اشاعت جي زبان بڻايو. انگريزن، سنڌي ٻوليءَ ۾ درسي سرشتو جاري ڪيو، سنڌ ۾ تعليم کاتو قائم ڪري، سنڌي زبان ۾ تعليم جاري ڪئي. انگريزن، سنڌي ٻوليءَ کي تعليم کان علاوه، روينيو، عدالت، پوليس ۽ ٽپال جهڙن کاتن ۾ رائج ڪيو. کاتن جا رجسٽر ۽ دفتري ڪم ڪار جا ٻيا ڪاغذ پٽ وغيره، سنڌي زبان ۾ جاري ڪيا ۽ سرڪاري فرمان پڻ سنڌي زبان ۾ جاري ڪيا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو انگريزن جو دؤر، سنڌي ٻوليءَ جو ترقي يافته دؤر تسليم ڪيو وڃي ٿو. هن دؤر ۾ سنڌ جي ڌارين قابض حڪمرانن، سنڌي ٻوليءَ کي اختيار ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪئي، ان جي بڻ بڻياد بابت رايا ڏنا، سنڌي ٻوليءَ جا گرامر جوڙيا ويا، ڊڪشنريون جوڙيون ۽ سنڌي سکڻ واسطي، ورڪ، مينيوئل ۽ ريڊنگ بڪ تيار ڪيا. سنڌ جي انگريز عملدارن، سنڌي ادب جي سهيڙ ۽ تشريح ڪئي، سنڌي لوڪ داستان سهيڙيا ۽ شاهه لطيف کي دنيا جو عظيم شاعر ثابت ڪيو.

**قديم ٻولي:**

جديد تحقيق موجب، سنڌي ٻوليءَ جي لکت جا قديم نمونا ڪوٽڏجي، هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هٿ لڳا آهن. توڙي جو ان وقت جي ٻوليءَ تي مفصل





نموني سان روشني نه ٿا وجهن پر تڏهن به ان وقت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سماجي ڪارج جي اوج کي ظاهر ڪن ٿا، مهرن ۾ سڪن تي به لکت ملي ٿي. البته، دڙن جي لکت کان ويندي، سومرن جي زماني تائين، سنڌو لکت جا گهڻا تڻا آثار ميساريل آهن ۽ ٻوليءَ جي تاريخ جا گهربل اهڃاڻ نه ٿا ملن. سنڌي لکت جا گهڻا نشان، عربن جي دؤر ۾ شرڪ ۽ ڪفر جو باب ڄاڻي، ساڙي ٻاري ضايع ڪيا ويا. عرب سياحن جي بيانن مان پڻ معلوم ٿئي ٿو ته، عربن جي وقت ۾ توڙي عربن جي اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ سنڌي زبان مروج هئي جيڪا هندستان جي ٻين زبانن کان الڳ هئي.

محمد صديق ميمڻ لکي ٿو ته: ”عربن کان اڳ سنڌ ۾ جنهن ڀاشا جو رواج هو، ان جو تعلق بلا واسطي شورشيني پراڪرت سان هو. سنه (۳۰۳هه) ۾ مسعودي سنڌ ۾ آيو هو، سندس چوڻ موجب انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي زبان هندستان جي زبانن کان ڌار هئي. ڪائنس پوءِ اصطخري سنه (۳۴۰هه) ڌاري مڪران ۾ آيو ۽ پوءِ سنڌ ۾ آيو، سندس بيان آهي ته، منصوره ۽ ملتان وارن جي زبان عربي ۽ سنڌي آهي، ۽ مڪران جي زبان مڪراني (بلوچي) ۽ فارسي آهي. ساڳيو بيان ابن حوقل جي سفرنامي سنه (۳۳۱هه – ۳۵۸هه) ۾ ملي ٿو. هو لکي ٿو ته: ’’منصوره، ملتان ۽ آس پاس جي علائقن ۾ عربي ۽ سنڌي زبانون رائج آهن.‘ سنه (۳٧۵هه/ ۹۸۵ع) ۾ بشاري سنڌ جو سير ڪرڻ آيو ۽ بيان ڪري ٿو ته: ’فارسي زبان سنڌ وارا سمجهن ٿا ۽ ديبل جي سوداگرن جي زبان سنڌي ۽ عربي آهي.‘“(ميمڻ صديق: ۲۰۰۵، ۲۳- ۲۴)

سندس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو ته، عربن جي قبضي کان اڳ، سنڌ ۾ قديم پراڪرت شورشيني رائج هئي، مطلب ته، عربن جي زماني ۾ توڙي ان کان اڳ سنڌي زبان، سنڌ ۾ رائج هئي، جيڪا سنڌ جي خاص عوامي، دفتري، علمي، ادبي ۽ وٽج واپار جي ٻولي هئي. جيتوڻيڪ عربن، سنڌ جي دفتري، علمي، ادبي ۽ نشر و اشاعت جي زبان عربي مقرر ڪئي. تنهن هوندي به سنڌي زبان، سنڌ جي عوامي زبان رهندي آئي، جنهن ۾ ادب تخليق ٿيندو رهيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ذخيرو وڌندو رهيو.

سنڌي ٻوليءَ جي لکت جا نمونا، رسم الخط يا لپيون وغيره پڻ تمام قديم آهن ۽ قديم لکتن سان سندس ويجهو رشتو آهي. البته، سنڌي ٻوليءَ جي مختلف دؤرن جي لکت جا نمونا، مونجهارن جو شڪار آهن، جو ڪيترين ئي لکتن، پڙهڻ يا

سمجھ جو ڳيون ناهن ۽ اڄ ڏينهن تائين، اهو واضح ٿي نہ سگهيو آهي تہ، انهن لکتن جو مطلب ڪهڙو آهي؟ **جي. آر هنٽر** جي تحقيق موجب، قديم سنڌو لکت، سميري ۽ ايلمي لکت کان بہ آڳاٽي آهي ۽ ميسوپوٽاميائي لکت کي ويجهي آهي يا سيئي لکتون ڪنهن هڪ بنياد مان آهن ۽ مصري لکت پڻ سنڌن ساٿياري آهي. قديم سنڌو لکت جون علامتون، قديم مصري خط تان ورتل نظر اچن ٿيون يا سڀ لکتون، ڪنهن هڪ ئي بنياد مان آهن. سنڌس اهو پڻ چوڻ آهي تہ، فينيقي ۽ قبرصي لکت، قديم سنڌو لکت تان ورتل آهن.

هو لکي ٿو تہ: "سمجھ ۾ ائين ٿو اچي تہ سنڌو لکت جون جيڪي علامتي نشانيون ميسوپوٽاميا تان، ان دور ۾ ورتيون ويون جڏهن سميري ۽ ايلمي لکت اجان جدا ڪونہ ٿيون هيون. تڏهن ممڪن آهي تہ انهن ٻنهي لکتن جو بنياد ساڳيو هجي ۽ سنڌو لکت ۾ جيڪي علامتي نشانيون آهن سي سنڌو لکت ۾ مصري لکت تان اُڌاريون ورتيون ٿيون پائنجن. اهو بہ امڪان آهي تہ هنن چئني لکتن جو بنياد هڪ ئي هجي."(هنٽر: ١٩٩٥، ٩)

سنڌس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو تہ، ممڪن آهي تہ، انهن چئني لکتن جو بنياد ڪو هڪڙو آهي. سو ڪهڙو؟ تنهن بابت جي آر هنٽر بہ خاموش آهي.

البتہ، ان ڳالھ ۾ واضح آهي تہ: "برهمي، سامي، قبرصي ۽ فينيقي لکتن واري هڪ علائقي جي لکت، قديم سنڌو لکت تان ورتل آهي، انهن ٻنهي علائقن ۾ سنڌو لکت جو رواج واپاري اچ وڃ ڪري پيو، چو تہ ان زماني ۾ موهن جي دڙي جا واپاري عربي سمنڊ ۽ ڳاڙهي سمنڊ مان هاڪاري پونوچ سمنڊ ۾ پهچندا هئا."(هنٽر: ١٩٩٥، ٩)

سنڌس ڏنل بيان موجب، برهمي، سامي. قبرصي ۽ فينيقي علائقن واري لکت جي هڪ حصي تي سنڌو لکت جو اثر نمايان نظر اچي ٿو ۽ انهن علائقن ۾ سنڌو لکت جو اثر، واپاري اچ وڃ جي ڪري پيو ۽ ان زماني ۾ موهن جي دڙي جا ماڻهو، واپاري مقصد سان عربي سمنڊ ۽ ڳاڙهي سمنڊ کان اڳتي ٽپي، پونوچ سمنڊ تائين ويندا هئا.

هو وڌيڪ لکي ٿو تہ: "سنڌو لکت جو هڪ پاسي مصر، تہ ٻئي پاسي سمير ۽ ايلم جي لکت سان تعلق هو. اهو بہ امڪان آهي تہ فينيقي ۽ قبرصي لکت بہ سنڌو لکت





جي سڌريل صورت آهي. ڇاڪاڻ تہ سيناءِ واري سمنڊ ۽ سويز واري ڳچي ڌرتي اهڙي هئي، جتي سنڌي فينيقي ۽ قبرصي اچي پاڻ ۾ ملندا هئا." (هنٽر: ١٩٩٥، ٩)

سنڌس ڏنل بيان مان سنڌي زبان جي قدامت ۽ بنيادي حيثيت واضح ٿئي ٿي ۽ اهو معلوم ٿئي ٿو تہ، سنڌو لکت دنيا جي قديم لکت آهي ۽ مصري، سميري ۽ ايلمي لکتن جي ساٿياري ۽ ساڳي نسل يا ٻڻ ٻڻياد واري لکت آهي يا سنڌن بنياد ڪنهن هڪ لکت مان آهي ۽ اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ، قديم فينيقي ۽ قبرصي لکتون، قديم سنڌو لکت جون سڌريل صورتون آهن، ڇو تہ، موهن جي دڙي جا ماڻهو، وڻج ۽ واپار لاءِ سيناءِ واري سمنڊ ۽ سويز واري ڳچي ڌرتيءَ تائين ويندا هئا ۽ فينيقي ۽ قبرصي انهن سان اتي اچي ملندا هئا. جنهن سبب فينيقي ۾ سنڌو لکت رائج ٿي.

مطلب تہ قديم سنڌو لکت، قديم مصري لکت ۽ قديم ايلمي ۽ سميري لکتن ۾ هڪجهڙايون آهن. قديم سنڌو لکت، سنڌو واديءَ ۾ رائج نظر اچي ٿي تہ قديم مصري خط، نيل جي واديءَ ۾ رائج نظر اچي ٿو ۽ ايلمي ۽ سميري لکتون دجلہ ۽ فرات جي ڪنارن تي اسريون، چئني جو ڏؤر بہ لڳ ڀڳ ساڳيو ئي آهي ۽ سنڌن، لکت جو طرف پڻ هڪجهڙو آهي جو سيئي خط ساڄي کان کاٻي طرف لکيا ويا. جيئن تہ قديم خط تصويري هئا، جن اڳتي هلي صوتي صورت اختيار ڪئي ۽ آوازن جي لاءِ تصويرن بدران، ڪي علامتون يا نشانيون مقرر ٿيون. قديم سنڌو لکت هڪ گڏيل قسم جي تحرير آهي، جنهن ۾ تصويرون ۽ نشانيون، ٻئي شامل آهن ۽ لکت جا ٻئي طرف موجود آهن، جن ۾ گهڻائي ساڄي کان کاٻي طرف جي لکت جي آهي. ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ جي تحقيق موجب، تصويري خط تان پهريون تصوري يا صوتي خط، مصر ۾ جڙيو، جنهن کي: 'هيرو گلف' چيو ويو ۽ قديم سنڌ جي ماڻهن، ان تان هڪ نئون خط اختيار ڪيو جنهن کي ڪيونيفارم يا ميخي خط چيو ويو.

هو لکي ٿو تہ: "مصر جي ماڻهن انهيءَ مورتي- لکت کي سنواري ، 'هيروگلف' نالي هڪ صورتخطي ناهي ورتي، جنهن ۾ هر هڪ شڪل لاءِ هڪ مقرر ڪيل نشان ناهيو ٿي ويو. ساڳي طرح، سنڌوءَ جي ماڻهن وري انهيءَ مان هڪ نئين قسم جو رسم الخط ايجاد ڪيو، جنهن کي 'ڪيونيفارم اسڪرپٽ' (Cuniform Script) يا 'خط ميخي' ڪري سڏيو وڃي ٿو. هن خط ۾ (٥٦٠) نشانيون هيون، جي جدا

جدا لفظن ۽ اکرن لاءِ استعمال ڪيون وينديون هيون. ڪيونيفارم نالو مٿس انهيءَ ڪري پيو جو هر هڪ نشان ۾ تمام گهٽيون ڪندون يا نوڪون استعمال ڪيون تي ويون. “ (پناڻ ممتاز: ۲۰۰۹، ۲۷۱- ۲۷۲)

پروفيسر عطا محمد حامي، قديم سنڌ ڪي تهذيب جو بنياد چيو آهي ۽ نئين ڪنڌ ۾ تهذيب جو ڦهلاءُ سنڌ منجهان بيان ڪيو آهي. سندس لکڻ موجب: نئين ڪنڌ ۾ تهذيب جو آفتاب پهرين سنڌ ۾ اڀريو جتان پوري نئين ڪنڌ ۾ پکڙيو.

هو لکي ٿو ته: ”هتي جي تهذيب دنيا جي قديم ترين تهذيبن مان هڪ آهي، موهن جي دڙي واري تهذيب مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿي چڪي آهي ته، سموري برصغير ۾ هتي ئي سڀ کان اڳم تهذيب ۽ تمدن جو آفتاب اڀريو ۽ سندس ڪرڻا هتان ئي ٻين علائقن ڏانهن ويا.“(حامي: ۲۰۰۹، ۱۹)

سندس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو ته، هندستان جي سمورين ٻولين تي سنڌي ٻوليءَ جو اثر آهي.

ايم. ايچ پنهور، سنڌو ماٿر سڀيتا جي ٻوليءَ کي، دنيا جي سڀ کان قديم ترين ٻولين مان هڪ ٻولي سڏيو آهي ۽ سموري دنيا ۾ ثقافت ۽ ٻوليءَ جو ڦهلاءُ سنڌ منجهان بيان ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي ته: ”ميسوپوٽاميائي سڀيتا جون ٻوليون، انڊو پرشن ٻوليون، انڊو يورپي ٻوليون ۽ انڊو آرين ٻوليون، قديم سنڌو سڀيتا جي ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتيون آهن ۽ سنڌو سڀيتا سيني کان وڌيڪ آڳاٽي هئي ۽ هتان کان ئي ماڻهو پاڻ سان گڏ پنهنجي ثقافت ۽ ٻولي کڻي سيني ڏسن ۾ پکڙجي ويا.“(پنهور: ۲۰۱۰، ۶۳)

سندس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو ته، قديم سنڌو تهذيب، دنيا جي پهرين تهذيب آهي ۽ باقي ملڪن يا خِطن ۾ تهذيب جو ڦهلاءُ سنڌ منجهان ٿيو. سا ڳالهه، سنڌي ٻوليءَ جي قدامت کي اڃان به وڌيڪ قديم دؤر ۾ بيهاري ٿي ۽ اهو ثابت ڪري ٿي ته، سنڌي ٻولي، دنيا جي سڀ کان قديم ٻولي آهي ۽ دنيا جي ڪل ٻولين جي ماءُ آهي. سندس بيان ڪيل ڳالهه، علامه عبيد الله سنڌيءَ جي ڳالهه کي هٿي ڏئي ٿي ۽ ان ڳالهه طرف: اشارو ڪري ٿي ته. سنڌي ٻولي سڌريل صورت ۾ آسمانن تان نازل ٿي ۽ دين جي تبليغ ۽ تعليم جي سلسلي ۽ وٽج واپار جي لحاظ کان يا ڪن ٻين سببن جي ڪري دنيا جي ٻين خِطن ۾ پهتي ۽ موجوده وقت، ڪيترين ئي بگڙيل ٻولين ۽ لهجن جي





صورت ۾ موجود آهي.

لسانيات جي ماهرن جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي لفظ، ماءَ يا امان جو لسانياتي جائزو ورتو ۽ دنيا جي ٻين ٻولين ۾ مروج: ساڳي معنيٰ وارن لفظن تي نظر ڪئي ته معلوم ٿيو ته، سيني لفظن جو بنياد ڪنهن هڪ لفظ مان آهي. جيئن، سنڌي- ماءُ، امان، امي، مائي ۽ آئي، سنسڪرت ۽ هندي- ماتر، ماتا، ميا، اردو- ماں، فارسي- مادر، انگريزي- مدر ۽ عربي- اُمُ). مطلب ته، دنيا جي ڪل ٻولين جي ماءُ ڪا هڪڙي آهي. پر اها سا ڪهڙي؟ سا ڳالهه اڃان ثابت ٿيڻي آهي. هن وقت تائين، اها ڳالهه، اڃا گهڻي مونجهاري جو شڪار آهي، جيڪا گهڻي کوج لهڻي. هن وقت تائين سامهون آيل نظرين تي مذهبي ۽ سياسي اثر ڪارفرما نظر اچي ٿو ۽ ڪجھ صاحب پاڻ پڏائڻ جي چڪر ۾ پنهنجي مطلب جي ٻوليءَ کي قديم ۽ دنيا جي پهرين زبان ثابت ڪرڻ ۾ رڌل رهيا. جيئن، مسلمانن، عربي زبان کي دنيا جي ابتدائي زبان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ دنيا جون باقي زبانون ان جا بگڙيل لهجا بيان ڪيا. اهڙيءَ طرح، هندن، سنسڪرت کي دنيا جي اوائلي ۽ ابتدائي زبان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ دنيا جون ڪل ٻوليون ان جون بگڙيل پراڪرتون بيان ڪيون. ان سلسلي تحت، سنڌي زبان کي سنسڪرت جي بگڙيل شاخ چيو ويو ۽ ڪن ٻين عالمن جي طرفان سنڌي زبان کي سامي صفت زبان يا وري سنسڪرت ۽ عربي زبان جي ميلاپ جو نتيجو چيو ويو.

**ٻڌائتي يا اصل نسل ۽ اصلوڪي خاصيتن واري آزاد ۽ خود مختيار ٻولي:**

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ان ڳالهه کي روشن ڪري ٿي ته، سنڌي ٻولي، پنهنجي بڻ بٽياد ۽ اصل نسل واري ٻولي آهي، جنهن کي پنهنجون نراليون صوتي، صرفي، نحوي، ۽ معنوي خصوصيتون آهن، جيڪي دنيا جي ٻين ٻولين ۾ اڻلڀ آهن. سنڌي ٻولي، پنهنجن اهڙين نرالين خاصيتن جي ڪري ئي، اصل نسل ۽ بڻ بٽياد واري ٻولي سڏبي آهي.

سنڌي ٻوليءَ تي قديم زماني کان وٺي، تحقيق ٿيندي رهي آهي ۽ محقق، سنڌي ٻوليءَ بابت پنهنجا رايا ڏيندا رهيا آهن. انگريزن جي زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ تي وسيع پئماني تي تحقيق ٿي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لسانيات جي اصولن موجب پرک ٿي،

جنهن ڪم جي ابتدا انگريزن ڪئي جتان ڏيهي محققن ۾ ريس پئي. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان پوءِ تہ سنڌي ٻوليءَ ڪي گهڻو مان مليو، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد ۽ قدامت، سنسڪرت کان آڳاٽا ثابت ٿيا ۽ محققن ڪي، پنهنجا رايا: تبديل ڪرڻا پيا. نہ تہ، 'ارنيسٽ ٽرمپ'، سنڌي ٻوليءَ کي 'سنسڪرت جي شاخ' چيو هو. 'ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ'، سنڌي ٻوليءَ کي 'سامي صفت زبان' سڏيو. 'علامہ دين محمد وفائي'، سنڌي ٻوليءَ کي 'سنسڪرت ۽ عربي زبان جي ميلاپ جو نتيجو' بيان ڪيو. سراج ان کي سنڌ ڌرتيءَ جي پنهنجي اصلوڪي ٻولي سمجهيو آهي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌي ٻوليءَ کي 'اصل نسل ۽ بڻ بنياد واري، آزاد ۽ خود مختيار' ٻولي سڏيو آهي ۽ 'علامہ عبيد الله سنڌيءَ'، سنڌي ٻوليءَ کي 'آسماني ٻولي' لکيو آهي جي سنڌي ٻولي آسماني ٻولي آهي، تہ پوءِ اها عربي ۽ عبرانيءَ کان بہ آڳاٽي، سنڌ ۾ نازل ٿي هوندي جنهن ۾ ڪنهن بہ صحيفي جي، حفاظت ٿي نہ سگهي.

نور احمد ميمڻ لکي ٿو تہ: "عبيد الله سنڌيءَ سنڌي ٻوليءَ کي آسماني ٻولي سڏيو آهي."(ميمڻ نور: ۲۰۰۴، ۹) هو لکي ٿو تہ: "ست ٻوليون آسماني آهن، جن ۾ صحيفا ۽ ڪتاب نازل ٿيا. ڌرتيءَ جون باقي زبانون انهن ستن زبانن مان نڪتل آهن. انهن ستن زبانن ۾ عربي ۽ عبرانيءَ سان گڏ سنڌي ٻولي بہ هڪ آهي."(ميمڻ نور: ۲۰۰۴، ۹)

سندس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو تہ، عبيد الله سنڌيءَ ست ٻوليون آسماني بيان ڪيون آهن، جن ۾ عربي ۽ عبرانيءَ سان گڏ، سنڌي زبان بہ شامل آهي. عربي ۽ عبراني زبانن ۾ آسماني ڪتاب موجود آهن ۽ سنڌي زبان ان کان عاري آهي، جنهن لاءِ گهڻي کوج جي ضرورت آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي نرالي ۽ اهم خاصيت اها آهي، تہ ان کي پنهنجون نراليون خوبيون ۽ خاصيتون آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي ٻين ٻولين کان نمايان ڪن ٿيون، جيڪڏهن سنڌي ٻولي ٻين ٻولين جي اثر جو نتيجو هجي ها تہ ٻين ٻولين جي دائري جي اندر هجي ها ۽ ان کي نرالو رنگ ڍنگ نہ هجي ها. سنڌي ٻوليءَ جون نراليون خاصيتون، سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل ۽ بڻ بنياد طرف اشارو ڪن ٿيون ۽ اهو واضح ڪن ٿيون تہ سنڌي ٻولي، آزاد ۽ خود مختيار ٻولي آهي.





سنڌي ٻوليءَ جي ٻي وڏي خاصيت اها آهي تہ سنڌي ٻولي، پنهنجي اصلي ذخيري کي تاريخ جي هردؤر ۾ سموهيندي ۽ سنواريندي رهي آهي. سندس اهڙيون، ڪيتريون ئي بدليل صورتون، تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ نظر اچن ٿيون. ان کان سواءِ، سنڌي ٻولي، لاڳاپي ۾ آيل ٻولين کان اثر وٺندي پاڻ کي شاهوڪار بڻائيندي رهي آهي ۽ پنهنجي اندر، هر علم ۽ هنر سمائيندي رهي آهي. سنڌي ٻولي، ادب ۽ لغت ۾ ايتري تہ وسيع آهي جنهن ۾ اتڪل دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جو علم ۽ هنر لکڻ جي صلاحيت موجود آهي. سنڌي جيئن تہ هڪ ادبي زبان آهي ۽ ادبي زبان ۾ اِها خاصيت ٿيندي آهي تہ، اُها، هِتان هُتان لفظ ڪٺي پنهنجي لغت جي ذخيري کي وڌائيندي رهندي آهي. سنڌي ٻوليءَ، توڙي جو عربي اکر اختيار ڪيا پر تڏهن بہ، پنهنجي اصليت نہ ڇڏيائين، عربي اکرن ۾ واڌارا ڪري پنهنجي نج آوازن جي لاءِ نوان اکر مقرر ڪيائين جن ۾ اوسر ٿيندي رهي ۽ ۱۸۵۳ع ۾ پڪي پختي صورت ورتائين پر ان ۾ اجا، سنڌي ٻوليءَ جا پنج وسرڳ آواز، 'ڙهہ- لهہ- مهہ- نهہ ۽ ٹهہ'، شامل ڪرڻ کان رهيل آهن. گڏوگڏ، سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي لغت جو جهجهو ذخيرو موجود آهي. ڪيترائي عربي لفظ، سنڌيءَ ۾ ايترا تہ رلي ملي ويا آهن، جو ڄڻ اصل سنڌي لفظ پيا لڳن. جيئن: الله، رب، رسول، محمد، احمد، قرآن، حديث، حج، زڪوات، عمرو، طواف، ڪعبو، غلاف ۽ زمزم پاڪ وغيره. مطلب تہ، سنڌي ٻولي؛ پنهنجي نج ۽ اصلوڪي خاصيتن جي ڪري، اصل نسل ۽ بڻ بنياد واري ٻولي سڏبي آهي. توڙي جو ڌارين ٻولين مان گهڻا ئي آواز، لغت جو ذخيرو ۽ وياڪرڻيءَ اصول ورتائين پر تڏهن بہ پنهنجي اصلوڪي خاصيت نہ ڇڏيائين. ڇو تہ سنڌي ٻولي، هڪ لچڪدار، زنده ۽ وڌندڙ زبان آهي، جيڪا تاريخ جي هر دؤر ۾ پنهنجو دائرو وسيع ڪندي رهي آهي ۽ انهن خوبين جي ڪري زندهہ، وڌندڙ ۽ وسيع زبان سڏبي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جون آڳاٽيون، اصلوڪيون ۽ نراليون خوبيون ٻڌائيندي، بدر ڌامراهو لکي ٿو تہ: "سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي خصوصيتون ۽ خوبيون اهڙيون آهن جيڪي پراڪرت يا سنسڪرت ۾ بہ ڪونهن ۽ نہ وري سامي ٻولين ۾ آهن. سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ، اهي آخر سنڌيءَ ۾ ڪٿان آيون. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ، سنڌي ٻولي اصلوڪي ٻولي آهي، جنهن جون ڪي خصوصيتون اصلوڪيون آهن، ٻين انهن ٻولين ۾ ڪونهن، جن کي ماهرن ان جو بنياد ڄاڻايو آهي. جيئن:

ٻ - ڄ - ڏ - ڳ ۽ ڱ اُچار سنڌيءَ ۾ آهن، پر هندي، پراڪرت، سنسڪرت يا سامي ٻولين ۾ ڪونهن.

سنڌيءَ جا وسرڳ آواز جهڙوڪ: مهه- نهه- ٺهه- لهه- ڙهه- سنسڪرت ۾ ڪونهن اها سنڌي ٻوليءَ جي آڳاٽي ۽ اصلوڪي خوبي آهي.“(ڏامراهو: ٢٠٠٨، ٢٧)

سنڌس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو ته، سنڌي ٻوليءَ کي ڪي آڳاٽيون ۽ اصلوڪيون خصوصيتون آهن، جيڪي ٻين هند آريائي يا سامي ٻولين ۾ ڪونهن. جيئن: ٻ - ڄ - ڏ - ڳ ۽ ڱ جا آواز ٻيا پنج وسرڳ آواز مهه- نهه- ٺهه- لهه- ڙهه سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪي خاصيت آهن ۽ اهي آواز، هند آريائي ۽ سامي زبانن ۾ ڪونه آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ کي انهن ٻولين کان نمايان ۽ ڌار ڪن ٿا ۽ ان ڳالهه طرف اشارو ڪن ٿا ته سنڌي ٻولي، اصل نسل ۽ بڻ بنياد واري آزاد ۽ خودمختيار ٻولي آهي. سنڌ ٻوليءَ کي نه رڳو نرالا آواز موجود آهن پر ڪيتروئي نرالو لغت جو ذخيرو موجود آهي ۽ سنڌي ويا ڪرڻ جا اصول پڻ آريائي ۽ سامي توڙي انگريزي ٻولين کان نرالا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنڌي ٻولي هندستان توڙي دنيا جي ٻين ٻولين کان مختلف ۽ نمايان آهي، جنهنڪري اصل نسل يا بڻ بنياد واري ٻولي سڏبي آهي.

**وسيع ٻولي:**

وسيع يا شاهوڪار ٻولي انهيءَ ٻوليءَ کي چئبو آهي جيڪا لغت، توڙي علم ۽ ادب سان مالا مال هجي، اهڙي ٻولي جيڪا اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين، مثالن ۽ علامتن سان ٽمٽار يا ڀريل هجي. اهڙي ٻولي جنهن ۾ هر هڪ مضمون کي سهڻي نموني يا سولائيءَ سان بيان ڪري سگهجي. ان کان سواءِ، شاهوڪار ٻوليءَ ۾ لغت جو ذخيرو تمام گهڻو موجود هوندو آهي، جنهن ۾ قافيا سولائيءَ سان هٿ ايندا آهن ۽ هڪ ئي لفظ جون گهڻيون معنائون يا هڪ ئي معنيٰ جا گهڻا لفظ موجود هوندا آهن. ادبي ٻوليءَ جي اها پڻ خاصيت ٿيندي آهي ته، اُها. هِتان هُتان لغت جو ذخيرو وٺي: پاڻ کي شاهوڪار ڪندي آهي. جيئن: چنڊ جي لاءِ، سنڌي ٻوليءَ قمر، بدر، منير ۽ ماهتاب جا لفظ پاڻ ۾ سمايا.

پيرو مل لکي ٿو ته: ”وسيع يا پرتو ٻولي چئبو ئي انهيءَ کي آهي، جنهن ۾





هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون هجن ۽ جا اصطلاحن ۽ محاورن، تشبيهن، استعارن ۽ پهاڪن سان ڀرپور هجي، فصاحت ۽ بلاغت سان هر ڪو مضمون چئي يا لکي سگهجي. وسيع ٻوليءَ ۾ هم قافيا يا تڪيائي لفظ به جهجها هوندا آهن. شاهه جي رسالي ۾ اُٺ ۽ اُٺن جي قسمن لاءِ ٻوتو، ٻودو، ٻور، توڏو، چانگو، ڪرهو، ليڙو ۽ ميو وغيره. اُٺ لاءِ ايترا لفظ انگريزيءَ ۾ به ڪونهن. پهلوان ۽ جنگي جوان لاءِ به ڪيترا لفظ ڪم آيل آهن: بهادر، پهلوان،پانڌ، وريام، وير، مانجهي، جهونجهار ۽ ڪڳمارو (ڪڙڳ يا ترار ماريندڙ، شمشيرزن) وغيره“(آڏواڻي: ٢٠٠٤، ١٨٥- ١٨٦)

معلوم ٿيو ته، وسيع ٻولي انهيءَ ٻوليءَ کي چئبو آهي جنهن ۾ هڪ معنيٰ جي لاءِ گهڻا لفظ موجود هوندا آهن ۽ وسيع ٻوليءَ ۾ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون رائج ٿينديون آهن ۽ وسيع ٻوليءَ ۾ هر موضوع ۽ عنوان کي فصاحت ۽ بلاغت سان لکي سگهبو آهي.

سنڌي ٻولي، ايتري ته وسيع آهي جو منجهس: هڪ اسم لاءِ، ڪيترائي لفظ ۽ هڪ لفظ جون ڪيتريون ئي معنائون رائج آهن ۽ هڪ اسم جي مختلف حصن لاءِ پڻ مختلف لفظ موجود آهن. جيئن: ’ڪجي‘ هڪ اسم آهي ۽ ان سان لاڳاپيل ٻيا به ڪيترائي اسم ڪجيءَ جي حصن، قسمن ۽ ڪم ڪار جي اصطلاحن وغيره جي صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج آهن. جيئن: ڪجي، جهت، جوهو، ٽڙ، پاڙ، ڪاٻر، چوڏو، چڙي، سنڊو، ڪام، ٽوٽي، ٽوت، گوشو، ڏوڪو، ڏنگ، ڪارڪ، ڪڪڙي، ٻونڊي، ڇهارو، پڻ، پن، ڳر ۽ نر وغيره. اهڙيءَ طرح، ڪجيءَ جي قسمن ۾ اصيل، بيگن، ٽوٽو، پٽري، منٿري، ڪٽ، ڏيڍي، بصرو، ڪر، گجر، ڪرمو ۽ ٻيون ڪيتريون ناليوارا ۽ اَنام جنسون يا قسم موجود آهن. ڪي ڪچي ڪاٺڻ جي ڪم اچن، ته ڪي وڻ ڪري ڪارڪ ڏين، ته ڪي زمين تي سڪي ڪارڪ ٿين. اهڙيءَ طرح، ڪم ڪار جا اصطلاح پڻ نرالا آهن. جيئن: گهڙائي، نرائي، لاهه يا لمڪ، چانگ، ڏوڻ، ڪٽائي، چونڊ يا سوءَ ۽ ميڙ وغيره.

ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو، سائين جي ايم سيد جي حوالي سان لکيو آهي ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪجي، ان جي پوکائيءَ کان ڪٽائيءَ تائين ۽ ڪم ڪار جا، ٽي سو کان وڌيڪ نالا ۽ اصطلاح مروج آهن.

هو لکي ٿو ته: ”سائين جي ايم سيد جي مشاهدي موجب: سنڌي ٻوليءَ ۾

ڪجيءَ جي وڻ جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ وڏي ٿيڻ تائين ۽ انهيءَ جي ٽارين، ٻور ميوي جي لاهڻ پچائڻ جا ٽن سون کان وڌيڪ نالا ۽ اصطلاح آهن.“(ٻگهيو: ١٩٩٨، ٤٣)

پيرو مل سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ شاهوڪاري بيان ڪندي لکي ٿو ته: ”سنڌي نهايت وسيع ٻولي آهي: سري جا لفظ هڪڙا، وچولي جا ٻيا، لاڙ جا وچائين ٿيان ۽ ٿر جا تنهن کان اڙُر! وري واپارين ڪاسبين، حڪيمن وٽ لفظ ۽ اصطلاح ئي پنهنجا. پسارين وٽ ڏسو ته سوين شيون: وڻ ٽڻ، گاهه ٻوٽا، گل ڦل،ڌوٽين جا ڏٽ ۽ ٻيون انيڪ شيون آهن، جن مان ڪيترن جا نالا ڪنهن به ڊڪشنريءَ ۾ ڏنل ڪينهن. ڪراچيءَ جي هڪ پير مرد مهاڻي ڳالهه ڪئي، ته مڇيءَ جا سوا سؤ ڪن قسم ڏنل اٿم! جهڙوڪ: سرمائي، سينئري، رائوس، دوتر، منگرو، گوج، مڪر، ڏانگري، پلو، ڪڳو، ڏنيرو، جهينگا ۽ گانگٽ وغيره. سنڌ گزيٽيئر ۾ ڄاڻايل آهي ته: ’سنڌ جي اڳوڻي ڪمشنر جيمس صاحب پکين جي ذاتين جا چار سو ڪن نالا ڪٺا ڪيا هئا.‘ هيئن به لکيل آهي ته: ’سنڌ ۾ نانگن، بلائن، ۽ ٻين سُرٽن ۽ جيتن جون ايتريون ذاتيون آهن، جو رواجي طرح جيڪر ڪو اعتبار ئي ڪونه ڪري ته سنڌ ۾ ايترا بيشمار جيتن جا قسم آهن!‘.“(آڏواڻي: ٢٠٠٤، ١٨٤)

سندس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو ته، سنڌي ٻولي ايتري ته وسيع آهي جو سنڌ جي سري، وچ ۽ لاڙ ۾ مروج ٻولي پنهنجي پنهنجي آهي. بلڪ، سنڌي ٻولي، هڪ لهجي اندر پڻ تمام گهڻي وسعت رکي ٿي ۽ هڪ لهجو، ڪيترن ئي ننڍن لهجن ۾ ورهايل آهي. جيئن، سنڌي ٻوليءَ جو لاڙي لهجو. ماڃر، جاتي، شاهبندر، ڪاري ڇاڻ ۽ ڪڪرالي جي لهجن ۾ ورهايل آهي. ان کان سواءِ، لاڙ جي جتن ۽ مهاڻن جي ٻوليءَ ۾ پڻ گهڻو فرق آهي، جيڪو ڪين، الڳ ننڍن لهجن جي حيثيت ۾ نمايان ڪري ٿو. ان کان سواءِ، اهو پڻ واضح ٿئي ٿو ته، سنڌ ۾ مڇي ۽ جيتن پکين جا پڻ گهڻا قسم موجود آهن جن جا نالا سنڌي زبان ۾ رائج ٿيا.

سنڌي ٻولي، نه رڳو صوتي، صرفي، نحوي ۽ معنوي وسعت رکي ٿي پر تاريخي ۽ لسانياتي جاگرافيءَ جي لحاظ کان پڻ وڏي وسعت رکي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ان ڳالهه کي واضح ڪري ٿي ته، اها، پنهنجي وسيع تاريخ ۾ گهڻن ئي لهجن ۽ ٻولين ۾ ونڊبي ورهائبي رهي آهي. منجهانئس، ڪيترين ئي ٻوليون ڦٽي نڪتيون





آهن ۽ منجهس نوان نوان لهجا جنم وٺندا رهيا آهن. لسانياتي جاگرافيءَ جي لحاظ کان، موجوده وقت ۾ سنڌي ٻولي، موجوده سنڌ جي اندر، اترادي، لاڙي، وچولي، ٿري يا ڏاڪي ۽ ڪوهستاني يا جدگالي لهجن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي ۽ وچولي جو لهجو، سندس معياري لهجو مقرر ٿيل آهي. ان کان سواءِ سنڌي ٻولي، سنڌ کان ٻاهر بلوچستان ۾ لاسي، ڪوهستاني يا جدگالي، گوادري، اورماڙي، فراڪي ۽ ڪيتراني لهجن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. پنجاب ۾ سندس ماڇڪو لهجو موجود آهي ۽ هندستان ۾ ڪڇي، راجستاني، ميهڻي، مهاراشٽري ۽ سؤراشٽري لهجن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. ان کان علاوه، هانگ ڪانگ، عرب اماراتن، انڊونيشيا، عمان، سنگاپور، انگلينڊ، آمريڪا، ڪئناڊا ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي.

مختيار احمد ملاح لکي ٿو ته: ”سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي ٻولين ۾ هڪ ٻڍائتي ۽ قديم ٻولي آهي. جنهن جو ادب صدين کان شاهڪار، شاهوڪار، وڏندڙ ۽ ويجهندڙ آهي. هن ٻوليءَ جون پاڙون موهن جي دڙي جي پوريل تهذيب ۾ کتل ۽ قديم آهن. سنڌي ٻولي صدين جو سفر ڪندي، پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ سان گڏ اڄ به نه فقط سنڌ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، پر ان کان علاوه دنيا جي ٻئي نمبر آباديءَ واري ملڪ هندستان ۾ به هن ٻوليءَ جا ڪيترائي ڳالهائيندڙ رهن ٿا ۽ ٻين ملڪن جهڙوڪ هانگ ڪانگ، عرب اماراتن، انڊونيشيا، عمان ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي.“(ملاح: ٢٠١١، ٧)

سندس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو ته، سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي هڪ ٻڍائتي، قديم ۽ شاهوڪار ٻولي آهي جنهن کي شاهڪار ادب موجود آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ٻي وڏي خاصيت اها آهي جو سنڌي ٻولي، هِن هُن ٻوليءَ مان لغت ۽ علم و ادب جو ذخيرو وٺندي پاڻ ۾ سمائيندي رهي آهي. ان جي ڪري واڌ ويجهه ڪندڙ يا زندهه ٻولي سڏبي آهي . سنڌي ٻوليءُ جون پاڙون، موهن جي دڙي واري قديم تهذيب ۾ کُتل آهن. يعني سنڌي ٻولي دنيا جي قديم ٻولي آهي جنهن جي تاريخ هزارين سال پراڻي آهي ۽ سنڌي ٻولي، پنهنجي ان صدين جي سفر ۾ پنهنجو وجود بچائيندي آئي آهي. نه ته دنيا مان ڪيترين ئي ٻوليون متجي چڪيون آهن، جيئن، سرياني، عبراني ۽ سنسڪرت.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ان ڳالھ کي روشن ڪري ٿي تہ، سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي قديمي لھجا متروڪ يا محدود ٿي چڪا آھن. جيئن، جتڪو، اوڏڪو، ماڙيچڪو، بانگڙو، درياھي لھجو، پيلن، باگڙين، ڪولن ۽ سنٿالن جو لھجو وغيره. جڏھن تہ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي سماجي لھجا پڻ مروج آھن. جيئن، حڪيمن طبيبن، ڪمين ڪاسبين، مزدورن ۽ واپارين جي ٻولي وغيره. سنڌي ٻوليءَ جو سماجي يا طبقاتي لھجياتي فرق کي پرکڻ طرف، انگريز دؤر ۾ پيرومل مھر چند آڏواڻي ۽ ويجھي وقت ۾ ڊاڪٽر محمد عمر چنڊ اشارو ڪيو آھي. سنڌي ٻوليءَ تي ھن وقت تائين، اھڙو ڪو بہ بيان وضاحت سان موجود نہ آھي ۽ سنڌ جي سماجي طبقن ۾ مروج ٻوليءَ کي، اڄ ڏينھن تائين پرکيو نہ ويو آھي. البتہ ڪجھ شعبن جون لغتون منظر تي آيون آھن، جيڪي ان سلسلي ۾ خوب مددگار آھن. سنڌي ٻوليءَ جي لھجياتي فرق کي ھن وقت تائين رڳو، جاگرافيائي بنيادن تي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آھي. ٻولي برابر جاگرافيائي بنيادن تي فرق ڪري ٿي جو سنڌيءَ ۾ چوڻي مشھور آھي تہ، ’ٻارھين ڪوھين ٻولي ڦري‘. اڄ جي جديد دؤر ۾ اھو ثابت ٿي چڪو آھي تہ، ھر ڳوٺ ۽ ڳليءَ جي ٻولي پنھنجي آھي، بلڪ ھر گھر ۽ فرد جي ٻولي پنھنجي آھي. جيئن: آءٌ. سنڌي ٻوليءَ جو فعل ’ڪندو‘ اچاريندو آھيان ۽ منھنجو پاڙيسري، ان کي ’ڪيندو‘ اچاريندو آھي ۽ ’خذمت‘ کي ’خذمت‘ اچاريندو آھي. جيتوڻيڪ، سنڌي ٻولي ھڪ ماءُ ٻولي آھي، جنھن مان ھندستان جون سموريون ٻوليون ڦٽي نڪتيون آھن. سنڌي ٻوليءَ جي شاخن جي جدول، ڊاڪٽر غلام علي الانا، پنھنجي ڪتاب، ’سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد‘ ۾ صفحي ٣٠١ تي ڏني آھي. سندس ڏنل جدول ٻڌائي ٿي تہ، پاڪستان ۽ ھندستان جون قديم ۽ موجوده سموريون ٻوليون، سنڌي ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتيون آھن. ھڪ خيال اھو بہ آھي تہ تبتي ۽ چيني ٻوليون پڻ قديم سنڌي ٻوليءَ جا لھجا آھن.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي جاگرافي پڻ، تاريخ جي ھر دؤر ۾ سنڌ جي حدن کان ٻاھر پنھنجو اثر ڏيکاري ٿي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي قديم ۽ شاندار ماضيءَ کي ظاھر ڪري ٿي. سنڌي ٻولي، بيان جي صلاحيت، وسعت، ادب ۽ وڻج واپار جي ڪري، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙجندي رھي آھي. اھو ئي ڪارڻ آھي جو، ڪيترائي غير سنڌي، سنڌي زبان ۾ ڪلام چئي ويا. جيئن: بابا فريد جا سنڌي دوھا، اسماعيلي پيرن جا گنان ۽ پراڻناٿ جا شلوڪ سنڌي زبان ۾ ملن ٿا. ھندي ۽ پنجابي تہ، سنڌيءَ ٻولي





جون ڀينر ٻوليون مڃيون وڃن ٿيون، جو بابا فريد، پراڻناٿ، دادو ديال ۽ گرو نانڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪلام چيو، سا ڳالھ سمجھڻ سولي آھي پر اسماعيلي پيرن جي مادري ٻولي عربي ھئي سي پڻ سنڌيءَ ۾ ڪلام چئي ويا.اھڙيءَ طرح، عرب دؤر ۾ سنڌي شاعرن، عربي زبان تي مھارت حاصل ڪئي ۽ عربي زبان ۾ ڪلام جوڙيو. سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن جو فارسي، ھندي ۽ اردوءَ ۾ پڻ ڪلام ملي ٿو. جڏھن تہ سرائڪي زبان، سنڌي زبان وانگي؛ سنڌ جي شاعرن جي خاص زبان رھي آھي، جيڪا ان ڳالھ کي واضح ڪري ٿي تہ، سرائڪي زبان، ھندستان جي سيني ٻولين مان سنڌي ٻولي کي وڌيڪ ويجھي آھي ۽ اھا ويجھي وقت ۾ سنڌي ٻوليءَ کان ڇڄي، الڳ زبان بڻي آھي.

گريئرسن، پنھنجي ڪيل سروي ۾، اتر سنڌ جي زبان سرائڪي بيان ڪئي آھي ۽ اھو پڻ لکيو آھي تہ، سنڌي زبان جو سرائڪيءَ نالي ڪو لھجو نہ آھي. سندس چوڻ جو مطلب آھي تہ، اتر سنڌ جي ٻولي، ھڪ الڳ ٻوليءَ جي حيثيت رکي ٿي ۽ موجوده سنڌيءَ ۾ سرائڪيءَ نالي ڪو لھجو مقرر نہ آھي. گريئرسن، سنڌي ٻوليءَ جا اترادي، لاڙي، وچولي، ٿري يا ڍاٽڪي، ڪڇي يا ڪاٺياواڙي، ڪوھستاني يا جدگالي ۽ لاسي لھجا بيان ڪيا آھن. گريئرسن، جنھن اتر سنڌ جو بيان ڪيو آھي، اھا سرائڪي پٽي آھي جتي اڄ بہ سرائڪي زبان مروج آھي ۽ انتظامي لحاظ کان ھن وقت ڏکڻ پنجاب جي حدن ۾ آھي. اھڙيءَ طرح؛ ڪڇ، ھندستان جي ھٿن ۾ آھي ۽ لسٻيلو، موجوده بلوچستان جي جاگرافيائي حدن ۾ آھي. سندس بيان، سنڌ جي وسيع حدن کي ظاھر ڪري ٿو ۽ سنڌ جون زبانون، سنڌي ۽ سرائڪي بيان ڪري ٿو. مطلب تہ، سنڌي ٻولي؛ پنھنجن خوبين، بيان جي وسعت ۽ شاھڪار ادب جي ڪري پنھنجي لساني جاگرافي، تاريخ جي ھر دؤر ۾ وڌائيندي رھي آھي ۽ سنڌ کان ٻاھر، ڳالھائڻ کان سواءِ، شعر و سخن لاءِ پڻ استعمال ٿيندي رھي آھي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ: ”سنڌو تھذيب جي سئنڌوئي ٻولي، نہ فقط سنڌو ماٿر جي وسطي حصي تي اثر انداز رھي، پر ان جي پھچ ۽ پکيڙ اوڀر ۾ نرمدا نديءَ جي اولھ واري ڪناري تائين، ڏکڻ ۽ اتر- اوڀر ۾ ھرياڻا رياست ۾ اوڀر واري چيڙي تائين، ڏکڻ اوڀر ۾ ڪڇ، گجرات جي لوٿل ۽ سورت بندر جي سامونڊي ساحل ۾ ڪنڀات جي نار تائين، اُتر ۾ ڪشمير جي سرحدن تائين، اولھ ۾ ڪوھ سليمان،ڪيتران

وارو علائقو ۽ ٻولان دڙي جي اولهه کان ايران جي خوزستان، ميستان، ڪرمان ۽ مڪران جي چيڙي تائين؛ اولهه ۽ ڏکڻ ۾ لسٻيلي واري اڳوڻي رياست جي سرحد تائين، ۽ ڏکڻ ۾ سنڌ جي ڪوهستان واري علائقي ۽ سامونڊي ساحل تائين پکڙيل هئي. هن قديم ٻوليءَ جو دائرو تمام وسيع هوندو هو.“(الانا: ۲۰۰۴، ۲۹۹- ۳۰۰)

مٿي ڏنل بيان مان صاف ظاهر آهي ته، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي قديم دؤر کان وٺي وسيع رهي آهي جيڪا قديم دؤر کان وٺي موجوده وقت تائين، پنهنجي حدن کان ٻاهر، پنهنجو اثر رکندي اچي ٿي ۽ سنڌ جي حدن کان ٻاهر، وسيع ايراضيءَ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو ايتري وسيع علائقي ۾ رواج، قديم سنڌ جي وسيع حدن جي نشاندهي ڪري ٿو. جيئن الانا صاحب جي بيان ۾ قديم سنڌي ٻوليءَ جون وسيع حدون بيان ڪيل آهن. جيڪا ان دؤر ۾ به موجوده سنڌ، هند، ڪشمير، افغان ۽ ايران جي حدن تائين پکڙيل هئي ۽ اتي ڳالهائبي هئي.

پيرو مل، سنڌي ٻوليءَ جي وسيع لساني جاگرافيءَ بابت لکي ٿو ته: ”سنڌي ٻولي هاڻوڪيءَ سنڌ جي چئني حدن کان گهڻو پري بلوچستان، پنجاب ۽ گجرات جي حدن ۾ داخلا ڪري بيٺي آهي. سنڌي ٻوليءَ جون اهي قديم حدون اڄ تائين قديم وڏي سنڌ جي حدن جا اهڃاڻ ڏين ٿيون. مطلب ته سنڌي ٻولي جنهن کي چئجي ٿو، سا قديم وڏي سنڌ جي ٻولي آهي ۽ نه هاڻوڪي محدود پرڳڻي جي.“(آڏواڻي: ۲۰۰۴، ۱۸۵- ۱۸۶)

سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته، سنڌي ٻولي، موجوده سنڌ جي چئني طرفن کان ٻاهر ڳالهائي وڃي ٿي ۽ اها ڳالهه، سنڌ جي قديم حدن جي نشاندهي ڪري ٿي، جو بلوچستان، پنجاب ۽ گجرات ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. ان جي ڪري جو اهي علائقا قديم سنڌ جا آهن. سياسي، مذهبي ۽ ڪن ٻين سببن جي ڪري اهي علائقا سنڌ کان ڌار ٿيندا ويا پر سنڌي ٻولي انهن حدن کي نمايان ڪري ٿي ۽ انهن خطن ۾ اڄ ڏينهن تائين ڳالهائي وڃي ٿي. ان جي ڪري سنڌي ٻولي نه رڳو موجوده سنڌ جي محدود حدن جي ٻولي آهي پر قديم سنڌ جي وسيع حدن جي ٻولي ۽ اڄ ڏينهن تائين پنهنجن قديم حدن ۾ پنهنجو اثر ڏيکاري رهي آهي.





### سماجي ڪارج واري ٻولي:

سماجي ڪارج جي لحاظ کان سنڌي ٻولي، سنڌ ملڪ ۾، هزارن سالن کان مروج رهي آهي ۽ سماجي ڪيتر ۾ هر قسم جو ڪم ڏئي رهي آهي. لهه وچڙ يا ڳالهائڻ ٻولهائڻ، ڪم ڪار، وڻج واپار، ڏيتي ليتي، ريت رواج، عبادت رياضت ۽ جذباتي اظهار کان علاوه، منجهس، علم و ادب پڻ لکجندو رهيو آهي ۽ تعليمي توڙي دفتري ٻوليءَ طور پڻ رائج رهندي آئي آهي.

شازيه پتافي ٻوليءَ جي ڪارج متعلق لکي ٿي ته: ”ٻولي انسان جي زندگيءَ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، هن ذريعي هڪ انسان پنهنجي سوچ ويچار، جذبن، احساسن، اميدن، امنگن، خوشي ۽ ڏک جو اظهار؛ ٻين سان ڪري ٿو ۽ ٻين جا ويچار ٻڌي، انهن جي خوشي ۽ تڪليف ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي ٿو. اهو ئي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج آهي.“(پتافي: ۲۰۰۹، ۱۰- ۱۱)

سندس اهو پڻ خيال آهي ته، ڪنهن به زبان جي سماجي ڪارج ۾ هيٺيون ڳالهيون اچي وڃن ٿيون:

۱. پنهنجي خيال کي ٻين تائين پهچائڻ. ۲. جذباتي اظهار ڪرڻ. ۳. سماجي ڪار وهنوار. ۴. تهذيب ۽ ثقافت جي ترقي. ۵. مواد کي رڪارڊ ڪرڻ.

مٿي پيش ڪيل عنصرن موجب، ٻولي سماج جي هر طبقي ۾ رائج هجڻ ۽ اظهار توڙي وهنوار جو ذريعو هجڻ، ۽ تهذيب ۽ ثقافت جي ترقي ۽ بنياد هجڻ طرف اشارو ڪري ٿي ۽ اهو پڻ ظاهر ڪري ٿي ته، قومن جي تاريخ پڻ ٻوليءَ وسيلي ئي محفوظ رهي ٿي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو، ٻولي سماج جو آئينو ٿئي ٿي ۽ سماج جي هر ڪار ڪرت يا وهنوار ۽ جذباتي اظهار وغيره جو بيان ٻوليءَ وسيلي ٿئي ٿو ۽ سماج جو ٻولي ۽ ادب تي گهرو اثر ٿئي ٿو، جنهن ملڪ جو جهڙو سماج آهي ته اتي ٻولي ۽ ادب به اهڙي ئي قسم سان ترقي ڪري ٿي.

ڊاڪٽر الله داد ٻوهيو لکي ٿو ته: ”ٻولي اظهار جي وسيلي جي حيثيت ۾ پنهنجي سماج جي سياويڪ حالتن يا ڪارڪردگيءَ جو آئينو آهي. ... ٻوليءَ جي سماجي ڪردار جو ’ادب‘ تي وڏو اثر پوي ٿو. ويڙهاڪ قومن وٽ ’قصيدو‘، ’جنگ نامو‘ بهادراڻو شعر وڌيڪ ٿو لکجي؛ دولت مند ۽ خوشحال قومن ۾ ناول، افسانو،

گيت، ۽ فطري شعر وڏيڪ لکيو ويو آهي، ۽ ڏتڙيل، ڦريل ۽ لٽيل سماج ۾ نڙ جا بيت ( ڇو تہ انهن ۾ ڪوڪارون ۽ دانهون ڪري ٿيون سگهجن)، ڇلڙا ( ڇوتہ انهن ۾ پنهنجي روءِ سوءِ هيڪلائي ۽ سڪ ۽ سوز جو اظهار ڪري ٿو سگهجي)، ڳجهارت ۽ پرولي ( ڇو تہ ان ۾ اظهار ڳجهو ۽ لڪائي ڪري ٿو سگهجي تہ جيئن لوڪ لڪا نہ پوي)، اهڙيءَ ريت موزون بيت، دوهو ۽ ڪافي لکيا ويا آهن. هنن ڳالهين مان پڌرو ٿو ٿئي تہ ٻوليءَ جو مدار ئي آهي سماجي ڪارڪردگيءَ، حالت، مزاج ۽ تصورات تي.“(ٻوهيو: ١٩٧٨، ٧)

سندس ڏنل راءِ مان واضح ٿئي ٿو تہ اظهار جي حيثيت سان ٻولي، سماج جي ڪارڪردگيءَ جو آئينو آهي ۽ ٻوليءَ جي سماجي ڪارج جو ادب تي تمام گهرو اثر آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو بهادر ۽ جنگجو قبيلن ۾ قصيدي ۽ جنگنامن جهڙيون صنفون گهڻيون لکيون وڃن ٿيون.اهڙيءَ طرح، سائي، سٽيي يا سکي، ستابي قومن ۾ گيتن، افسانن ۽ فطري شعر جو گهڻو رواج ٿيندو آهي ۽ ڏتڙيل، ڦريل ۽ لٽيل سماج ۾ نڙ جي بيتن، ڇلڙن ۽ ڳجهارتن جو رواج گهڻو ٿيندو آهي. ڇو تہ نڙ بيتن ۾ دانهون ۽ ڪوڪون ٿين ٿيون. ڇلڙا پنهنجي روءِ سوءِ هيڪلائي يا اڪيلائيءَ ۾ آلاپيا وڃن ٿا ۽ ڳجهارتن ۾ ڳالهہ کي لڪائي پيش ڪيو وڃي ٿو جيڪي ڳالهيون سڌي نموني نہ ٿيون چئي سگهجن، تہ اهي علامتن، استعارن ۽ تمثيلن ۾ لڪائي ۽ ڍڪي پيش ڪجن ٿيون.

هو سنڌي ٻوليءَ بابت لکي ٿو تہ: ”اهڙي هڪڙي ٻولي سنڌي بہ آهي ۽ ان جو مدار بہ سنڌي سماج جي مزاج ۽ تصورات سان ڀرپور آهي. ڊاڪٽر سورلي جو چوڻ آهي تہ هر اهو ماڻهو جنهن سنڌي ٻوليءَ جي ڀراڙيءَ جي لغت جو اڀياس ڪيو آهي، سو انهيءَ ڳالهہ جو اندازو چڱيءَ ريت لڳائي سگهندو تہ زراعت، اُٺن، ٻڪرين ۽ چوپائي مال ڌارڻ جي ڌنڌي هن ملڪ جي ڪلچر کي وڏيڪ دلچسپ ۽ شاهوڪار بڻائي ڇڏيو آهي.“(ٻوهيو: ١٩٧٨، ٧)

مٿئين راءِ مان واضح ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻولي بہ هڪ اهڙي ٻولي آهي، جنهن جي لغت مان سنڌي سماج جي مزاج ۽ ڪرت جي خبر پوي ٿي، ڇو تہ ٻولي، سماج جي مزاج موجب اُسري ٿي، جنهن ملڪ ۾ جيڪي ڪجهہ ملي ٿو تہ ان ملڪ جي ٻولي بہ ان موجب جڙي ٿي.

اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنڌ جو شاعر محبوب کي ڪنول، گلاب، رابيل ۽





نازبوءِ سان ڀيٽ ڏئي ٿو ۽ ايراني يا ايراني اثر وارو شاعر، گلِ رخ، گلِ لالہ، بنفشان، نرگس ۽ عناب وغيره سان تشبيهہ ڏئي ٿو، ڇاڪاڻ تہ وٽن اهڙي قسم جا گل پيدا ٿين ٿا ۽ هو انهن کان مانوس آهن، جيئن اسين، ڪنول، گلاب ۽ ٻين گلن کان واقف آهيون ۽ ٻوليءَ جي لغت بہ اهڙن لفظن سان ڀرپور آهي. اهڙيءَ طرح پکين ۽ جانورن جي قسمن ۽ نالن جا موسم ۽ ماحول مطابق فرق آهن ۽ آبي جيوت توڙي سامونڊي يا دريائي پيداوار ۾ پڻ فرق آهي.

مطلب تہ اظهار جي وسيلي جي حيثيت سان ٻولي پوري سماج جو احاطو ڪري ٿي ۽ معاشري جي هر طبقي ۾ استعمال ٿئي ٿي ۽ سماج جو ٻوليءَ تي پڻ گهرو اثر ٿئي ٿو. جنهن ملڪ جو جهڙو ماحول آهي تہ اتي ادب بہ اهڙو ئي تخليق ٿئي ٿو ۽ جنهن ملڪ ۾ جهڙي پيداوار ۽ واپار آهي تہ ان ملڪ جي ٻوليءَ تي بہ ان جو گهرو اثر رهي ٿو. منجهس پيداوار ۽ وڻج واپار جي لحاظ سان لغت جو ذخيرو وڌي ٿو ۽ منجهس پيداوار موجب، شاهوڪاري وڌي ٿي. سنڌي ٻولي قديم دؤر کان وٺي سماجي ڪارج جي اوج تي رهندي آئي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ، سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ان جي ڪري جو، سماج جو هر ڪم ٻوليءَ جي وسيلي ٿئي ٿو ۽ ٻولي تهذيب جي پاڙ آهي جنهن ذريعي سماج پاڻ ۾ ڳنڍيل آهي. سماج جيڪي ڪجهہ ڪري ٿو سو ٻوليءَ جي وسيلي ئي ڪري ٿو ۽ اهو ئي ٻوليءَ جو سڀ کان وڏو سماجي ڪارج آهي.

محمد ابراهيم جويو لکي ٿو تہ: ”جهڙيءَ ريت دنيا جي هر ڪنهن قوم جي ٻولي انهيءَ قوم جي سماجي ۽ معاشي اوسر ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي. تهڙيءَ ريت سنڌي ٻولي پڻ سنڌ جي قومي سماجي ۽ معاشي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اسين صدين جون صديون انهيءَ ٻوليءَ جي اظهار وسيلي پنهنجا هر قسم جا معاملا هلائيندا ۽ خير خوبيءَ سان نڀائيندا آيا آهيون. پوءِ اهي ڌنڌي ڌاڙي يا ڪاروهنوار جا معاملا هجن يا ڪي ٻيا ڳنڍيل سماجي ڪم.“(جويو: ٢١ فيبروري ٢٠١٦، ٢١)

مطلب تہ اڄ جي جديد دؤر ۾ تہ ٻوليءَ جي سماجي ڪارج جا نوان نوان نمونا نڪتا آهن، جيئن جيئن سماج جي اوسر ٿئي ٿي تہ، ٻولي بہ ان نسبت سان ترقي ڪري ٿي.

**ادبي ٻولي:**

ادبي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ ۾ جهجهو ذخيرو موجود آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اعليٰ پائي جا شاعر موجود آهن جن سوين ورهين کان شعر وسيلي، سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪري علم و ادب جو ذخيرو جمع ڪيو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين، اهو سلسلو جاري آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ نثري ادب جي به ڪا ڪمي ڪانه رهي آهي ۽ تاريخ جي هر دؤر ۾ سنڌ ۾ ادب جا نوان ۽ نادر نمونا جنم وٺندا رهيا آهن، جن مان گهڻا، ڌارين جي يلغارن سبب، ميساربا رهيا آهن. شعر، جيئن ته ياد ڪرڻ ۾ سولو آهي ۽ سينه به سينه، صدين کان محفوظ رهندو آيو آهي ان جي ڪري شعر ادب تي ڇانيل آهي.

توڙي جو تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري ۽ دفتري حيثيت ختم ڪئي وئي پر تڏهن به تاريخ جي سمورن دؤرن ۾ سنڌي ٻولي، سنڌ جي عوام جي خاص عوامي، علمي ۽ ادبي ٻولي رهي آهي، منجهس شعر و سخن جا شاهڪار ۽ علم و عقيدت جا نادر نمونا موجود آهن. جيڪي گذريل ڪيترين ئي صدين کان پاڙهيا، سيڪاريا، جهونگاريا ۽ ڳايا وڃن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف موضوعن تي جهجهو ادبي سرمايو موجود آهي.

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو لکي ٿو ته، ”سنڌي دنيا جي تمام آڳاٽين يعني پنج هزار سال قديم ۽ شاهوڪار ٻولين مان پهرين صف ۾ شمار ٿيندڙ ٻولي آهي، جنهن ۾ مختلف موضوعن ۽ عنوانن تي جهجهو ادبي سرمايو موجود آهي.“(سومرو: ٢٠٠٣، ١٣)

اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ٻولي، علم و ادب جي سرمايي ۾ سرسبز يا سائي رهندي آئي آهي منجهس ڪيترن ئي گلن جي خوشبو موجود آهي بلڪ اٽڪل سموري دنيا جي ادبي گلن جو واس، منجهس سمايل آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ انگن جو پڻ تمام گهڻو ادبي ڪارج رهيو آهي ۽ انگن اکرن کي مختلف معنائن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. جيئن: ’شاهه ڪريم‘، ’چارئي پلو چڪ ۾‘ هجڻ جو اصطلاح استعمال ڪيو ۽ ’شاهه لطيف‘ ’ٻه رنگو لوڪ ٻيو‘، ’چنيسر چؤرنگ‘ جو اصطلاح بيان ڪيو.

سنڌ جي تاريخ ان ڳالهه کي پڻ واضح ڪري ٿي ته، سنڌ جي تهذيب، وسيلن ۽ علم و ادب جي شاهوڪاريءَ سبب، مٿس تاريخ جي هر دؤر ۾ حملا ٿيندا رهيا آهن ۽





وسيلن توڙي علم و ادب جي لٽ مار ٿيندي رهي آهي، جنهن جا زنده مثال، ويدن کان اڳ وارن آرين، مصرين، يونانين، ايرانين، عربن ۽ ارغونن کان ويندي ترخانن، مغلن ۽ انگريزن جي دور تائين تاريخ جي هر دؤر ۾ ملن ٿا. انگريزن کي ان ڳالهه جي شاباس هجي ته هنن، سنڌ ۽ هند جي ٻين خطن جو علم و ادب محفوظ ڪيو، نه ته ٻين غاصب دؤرن جو ادب، گهڻي ڀاڱي ميساريل نظر اچي ٿو.

غلام محمد لاکو لکي ٿو ته: ”جڳن کان فاتحن جو هي دستور رهيو آهي ته اهي سڀ کان اول مفتوحن جي علم ادب کي نشانو بڻائيندا آيا آهن. سنڌ سان به هر پيري هي دستور لاڳو رهيو. ليڪن انگريزي يلغار سان ائين نه ٿيو. انگريزن سنڌ کي فتح ڪرڻ بعد هتي جي علم ادب کي ناس ڪرڻ بجاءِ انگلينڊ جا ڪتب خانه ۽ ميوزم سينگاريا. هند توڙي سنڌ جا ڪتابي ذخيرا هوڻ ته ان ملڪ جي متعدد ڪتب خانن ۾ موجود آهن، ليڪن لنڊن جي ٻن مرڪزن انڊيا آفيس لئبريري ۽ برٽس ميوزم- کي هن خطي جي اتهاس ۽ ساهت مان ڪجهه زياده حصو پلئه پيو ٿو ڏسجي. انگريزن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان جيڪو علم آندو، ان متعلق اڳتي هلي پوءِ جدا جدا عالمن ڪئٽلاگ تيار ڪيا ۽ فهرستون ٺاهيون. ان ريت واسطيدار ملڪن جي ٻولين ۽ ساهت جي اپياس ۾ مدد ملي.“(لاکو: ١٩٩٧، ٣٢١)

سندس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿيو ته، سنڌ تي ڪاهيندڙ يا قبضو ڪندڙ قومون، سنڌ جي وسيلن سان گڏ، سنڌ جو علم ادب پڻ قبضن ۾ وٺنديون رهيون. ان مان چونڊ ادب هنن، پنهنجين ٻولين ۾ ترجمو ڪرايو ۽ باقي ادب ساڙي ٻاري ضايع ڪيو پر انگريزن جي قبضي وقت ائين نه ٿيو. هنن، سنڌ جي وسيلن سان گڏ، سنڌ جو علم ادب پڻ قبضي ۾ ورتو ۽ هنن اهو علم ادب ضايع ڪرڻ جي بدران، انگلينڊ جي ڪتبخانن ۽ عجائب گهرن ۾ سينگاري رکيو. اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته، سنڌ جي علم ۽ ادب جا هوڻ ته ڪيترائي قديم نادر نمونا اڄ به سنڌ ۾ موجود آهن پر برطانيه جي ٻن ادارن، انڊيا آفيس لئبريري ۽ برٽس ميوزم کي سنڌ جي ادب سان خاص دلچسپي نظر اچي ٿي. انگريزن، جيڪو ادب، سنڌ مان لٽيو اهو انهن ادارن ۾ محفوظ ڪيو. اڳتي هلي انهن ڪتابن جا ڪئٽلاگ تيار ڪيا، فهرستون ٺاهيون ۽ اهڙيءَ طرح مفتوح قومن جي ادب جي اپياس لاءِ هڪ نئون ڏڳ ڪليو.

**برک يا فصيح ٻولي:**

موجوده وقت ۾ سنڌي ٻولي، سنڌ جي سماجي، مذهبي، سياسي، علمي، ادبي، تعليمي، تبليغي، ڏيتي ليتي، وڻج واپار، تحرير و تقرير ۽ نشر و اشاعت جي زبان آهي. البت ان جي دفتري ۽ سرڪاري حيثيت متروڪ آهي، ملڪ جي سرڪاري ۽ دفتري سموري لکپڙهه انگريزيءَ ۾ رائج آهي ۽ ملڪ جو تعليمي سرشتو پڻ انگريزي ٻوليءَ ۾ آهي ۽ سنڌي ٻولي بي اي جي ليول تائين سنڌي شاگردن کي لازمي پڙهائي وڃي ٿي ۽ سنڌي شاگردن جي لاءِ سنڌيءَ ۾ ايم- اي، ايم- فل ۽ پي ايڇ ڊي جي سهولت سنڌ جي ڪجھ تعليمي ادارن ۽ ملڪ کان ٻاهرين ڪجھ ادارن ۾ موجود آهي. سنڌي ٻوليءَ کي، پنهنجي بيان جي قوت يا صلاحيت يا فصاحت ۽ بلاغت جي ڪري پاڪستان جي ٻين ٻولين تي سرسي حاصل آهي. جيتوڻيڪ پاڪستان ٺهڻ بعد، سنڌ مان سنڌي ٻوليءَ جي دفتري حيثيت ختم ڪئي وئي پر تڏهن به سنڌي ٻولي، پنهنجي فصاحت ۽ بلاغت جي ڪري پاڪستان جي مڙني ٻولين کان مٿاهين آهي جنهن ۾ بيان جي قوت توڙي لکت وغيره جا عام توڙي ادبي نمونا موجود آهن.

رحيمداد مولائي شيدائي لکي ٿو ته: ”فصاحت ۽ بلاغت جي لحاظ کان سنڌي زبان مملڪت پاڪستان جي اندر سڀني ٻولين کان برک آهي.“(شيدائي: ٢٠٠٦، ٣٩)

سندس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو ته، سنڌي ٻولي، فصاحت ۽ بلاغت جي لحاظ کان پاڪستان جي سمورين ٻولين تي فوقيت رکي ٿي. فصيح ٻوليءَ مان مراد آهي اها ٻولي جنهن ۾ هر هڪ مضمون کي سولائيءَ سان بيان ڪري سگهجي. يعني فصيح ٻولي، لغت توڙي علم ۽ ادب ۾ وسيع هوندي آهي ۽ اهڙين ٻولين ۾ ئي انسائيڪلو پيڊيا جڙندا آهن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جهڙا هنري علم رائج ٿيندا آهن. بليغ ٻولي انهيءَ ٻوليءَ کي چئبو آهي، جيڪا وقت ۽ حالت سان پاڻ کي سنواريندي ۽ سينگاريندي اچي، جو ان ۾ وقت ۽ حالت جي حساب سان نوان نوان علم رائج ڪري سگهجن ۽ مشينن يا اوزارن کي استعمال ڪري سگهجي.

**مجموعي جائزو:**

مجموعي طور تي سنڌي زبان، هڪ قديم، ٻٽائتي، وسيع يا شاهوڪار ۽





برک ٻولي رهي آهي، جيڪا هزارن ورهين کان سنڌ جي عوامي، دفتري، علمي، ادبي، صحافتي ۽ وڻج واپار جي ٻولي رهي آهي، سنڌي ٻولي، دنيا جي قديم ٻولين مان هڪ آهي جيڪا سنڌ جي قديم دڙن مان تحريري صورت ۾ هٿ آئي آهي ۽ دنيا جي قديم ٻولين جي ساٿياري ۽ ساڳي بڻ ٻنياد واري ٻولي آهي، جو منجهن گهڻي قدر هڪجهڙائي آهي. البت، منجهن جو ٿورو گهڻو فرق آهي سو لهجياتي يا سماجي فرق آهي. جي آر هنٽر ان راءِ جو آهي ته سڀني جو بنياد ڪنهن هڪ مان آهي. موهن جي دڙي وارو تصويري خط ۽ مصري تصويري خط ته پاڻ ۾ ميل کائيندڙ آهن پر انهن تان جڙيل خط هيرو گلف ۽ ڪيونيفارم خطَ پڻ پاڻ ۾ ملندڙ جلندڙ آهن، منجهن رڳو ٿورو گهڻو لکڻ ۾ فرق آهي ۽ ڪيونيفارم خط ۾ ڪنڊن جو وڏيڪ استعمال آهي. مطلب ته سنڌي زبان، سنڌ ۾ ٥٠٠٠ سال اڳ تحريري صورت ۾ موجود هئي ۽ سنڌ جي قديم دڙن ۾ مهرن جي صورت ۾ محفوظ رهي.

سنڌ تي آرين جي قبضي کان پوءِ به سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ مروج رهندي آئي ۽ موريا، گپت، راءِ توڙي برهمڻ گهراڻي جي وقت ۾ سنڌ ۾ رائج رهي ۽ ان ۾ ڪتب نويسي، شعر گوئي ۽ درس و تدريس جو عمل ٿيندو رهيو. ان دؤر ۾ ئي سنڌي ٻولي، سنڌ جي دفتري، علمي ۽ ادبي زبان پڻ رهي. هن دؤر ۾ چچ نامي ۾ سنڌي لفظ، عربي رسم الخط ۾ محفوظ ٿيا ۽ ديوناگري رسم الخط ۾ 'سنڌ هيمچنداني' نالي ڪتاب لکيو ويو. عربن جي زماني ۾ سنڌي زبان ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو ٿيو ۽ ديني مسئلن تي ڪتاب لکيو ويو. سومرن جي دؤر کان سنڌي زبان، ڳاهن، ڳيچن، مداح جي بيتن ۽ ڳنانن جي صورت ۾ محفوظ ٿي ۽ انگريز دؤر تائين ان ۾ علم و ادب تخليق ٿيندو رهيو، ڪتب نويسي ٿيندي رهي ۽ سنڌيءَ ۾ نوان علم، ادب ۽ لغت جو ذخيرو داخل ٿيندو رهيو.

سنڌي ٻولي، پنهنجي اصلوڪي ۽ نرالي خاصيتن جي ڪري اصل نسل ۽ بڻ ٻنياد واري ٻولي سڏبي آهي، جنهن تي سنڌ توڙي ٻاهر جي گهڻن ئي اڪابرن ڪم ڪيو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ ٻنياد پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي ٻوليءَ توڙي جو ڌارين ٻولين مان آواز، لفظن جو ذخيرو ۽ وياڪرڻيءَ جا اصول پاڻ ۾ سمايا. يعني، ڌارين ٻولين جو اثر ورتو پر پوءِ به پنهنجن نرالين خاصيتن جي ڪري اصلوڪي يا اصل نسل ۽ بڻ ٻنياد واري ٻولي سڏبي آهي. 'ارنيسٽ ٽرمپ'، سنڌي زبان کي

’سنسڪرت زبان جي شاخ‘ بيان ڪيو. مرزا قليچ بيگ ۽ ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جهڙن، ڏيهي عالمن، ان ڳالهه کي ورجايو، ’علامه دين محمد وفائيءَ‘، سنڌي ٻوليءَ کي ’سنسڪرت ۽ عربي زبان جو ميلاپ‘ سڏيو، ’ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ‘، ان کي، ’سامي صفت زبان‘ سڏيو، ’ڊاڪٽر غلام علي الانا‘، ان کي، ’آزاد، خود مختيار ۽ اصل نسل يا بڻ بڻياد واري ٻولي‘ لکيو. علامه عبيد الله سنڌيءَ، سنڌي ٻوليءَ کي ’آسماني زبان‘ سڏيو آهي جيڪا سڌريل صورت ۾ آسمان تان نازل ٿي پر ان ڳالهه، اجان گهڻي کوج لهڻي جو سنڌي زبان ۾ ڪو به آسماني ڪتاب يا صحيفو موجود نه آهي.

جيئن ته، سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق جڳن کان ٿيندي رهي آهي ۽ مختلف وقتن تي سنڌي ٻوليءَ جي لساني، جاچ پڙتال ٿيندي رهي آهي پر انگريز دؤر ۾ دڙن جي کوٽائيءَ سبب سنڌي ٻوليءَ جون قديم تحريرون هٿ آيون، محققن جي لاءِ تحقيق جو نئون دڳ کليو. سنڌي ٻوليءَ جا وارا نيارا ٿيا، ان تي ڏيهي ۽ پرڏيهي محققن تحقيق ڪئي. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، سنسڪرت کان آڳاٽي ثابت ٿي ۽ سنڌي ٻولي، اصل نسل يا بڻ بڻياد ۽ نرالي خاصيتن واري آزاد ۽ خودمختيار ٻولي ثابت ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي وسرڳائيءَ واري خاصيت، سنڌي ٻوليءَ کي ٻين ٻولين کان نمايان ڪري ٿي. البته، سنڌي ٻوليءَ جي آسماني ٻولي هجڻ جا ثبوت اجان گهربل آهن. ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن دڙي ۾ دفن هجن ۽ اڳتي هلي نروار ٿين.

سنڌي ٻولي، ادبي لحاظ کان ايتري ته شاهوڪار ٻولي آهي، جو ان کي هڪ قديم، ضخيم ۽ شاهڪار ادب جو ذخيرو موجود آهي ۽ شاهه لطيف، دنيا جو وڏي ۾ وڏو يا عظيم شاعر تسليم ٿيل آهي. جڏهن ته، سنڌي زبان، ادب ۽ علم ۾ ايتري ته وسيع آهي جو سنڌي زبان ۾ هر علم ۽ هنر لکڻ جي لغت ۽ صلاحيت موجود آهي. يعني، سنڌي زبان ۾ هر عنوان يا موضوع کي قوت سان نڀائڻ جي صلاحيت يا بيان ڪرڻ جي سگهه موجود آهي، اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنڌي زبان ۾اڄڪل دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جو علم ۽ هنر موجود آهي ۽ سنڌي زبان ۾ انسائيڪلو پيڊيا جهڙا ڪتاب تحرير ٿين ٿا.





**نتيجا:**

- دنيا جي قديم ترين ۽ ابتدائي ٻولين جي ساٿاري ٻولي.
- قديم مصري لکت سان سنٻنڌ رکندڙ ٻولي.
- برهمي، سامي، قبرصي ۽ فينيقي لکتن جي ماخذ لکت واري ٻولي.
- لکت جي مختلف نمونن واري ٻولي (تصويري- صوتي. قديم، برهمي، ديوناگري، عربي)،
- اصل نسل يا بڻ بڻياد ۽ نرالين خوبين واري آزاد ۽ خودمختيار آسماني ٻولي.
- آوازن، لغت، اصطلاحن ۽ تمثيلن ۾ وسيع، پرتو ۽ شاهوڪار ٻولي.
- نرالا ۽ خالص آواز، لغت جو ذخيرو ۽ تمثيلي داستان رکندڙ نرالي ٻولي.
- هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون ۽ هڪ معنا لاءِ گهڻا لفظ رکندڙ ٻولي.
- ٻين ٻولين سان لهه وچڙ ڪندڙ يا ٻين ٻولين کي لفظ ۽ لکت جا نمونا ڏيندڙ ۽ وٺندڙ ٻولي.
- جذب ڪندڙ يا سمائيندڙ يا واڌ ويجهه ڪندڙ، وسيع ۽ لچڪدار ٻولي.
- جديد ۽ ترقي يافته يا وقت جي حالت سان متجندڙ، بدلجندڙ يا سڌرندڙ ٻولي.
- علمي، ادبي ۽ انگن جي ادبي ڪارج واري ٻولي
- قديم، شاهوڪار ۽ شاهڪار ادب جي ضخيم ذخيري واري ٻولي.
- دنيا جي وڏي ۾ وڏي يا عظيم شاعر جي ٻولي.
- لهه وچڙ، تعليم، تبليغ، جذباتي اظهار، ڏيتي ليتي ۽ وٽج واپار واري ٻولي.
- دفتري ڪم ڪار ۽ نشر و اشاعت واري ٻولي.
- مختلف جاگرافيائي حدن ۽ سماجي طبقن ۾ ورهايل ٻولي.
- گهڻين ٻولين کي جنم ڏيندڙ، ماءُ ٻولي.
- سنڌ جي حدن کان ٻاهر ڳالهائجندڙ ٻولي.
- فصاحت ۽ بلاغت جي لحاظ سان پاڪستان جي مڙني ٻولين کان برک ٻولي.

## حوالا


١. آڏواڻي ڀيرومل مهر چند: ٢٠٠٤ ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘ ، ڄامشورو سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ.

٢. الانا غلام علي : ١٩٨٧ ’سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس‘ ، ڄامشورو، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي.

٣. الانا غلام علي: ٢٠٠٩ ’سنڌي صوتيات‘ ، حيدرآباد سنڌ، سنڌي لئنگوئج اٿارٽي.

٤. الانا، غلام علي: ٢٠٠٤ ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد‘ ، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي.

٥. ٻگهيو قاسم: ١٩٩٨ ’سنڌي ٻولي لسانيات کان سماجي لسانيات تائين‘ ، ڪراچي، سنڌيڪا.

٦. ٻوهيو الهداد: ١٩٧٨ ’سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج‘ ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

٧. پٺافي، شازيہ، ٢٠٠٩ع، ’سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسي‘ ، حيدرآباد، سنڌي لينگوئيج اٿارٽي.

٨. پٺاڻ ممتاز حسين: ٢٠٠٩ ’مقالو- صورتخطيءَ جي ارتقا‘ ، ’سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد iv)‘ ، مرتب: خان محمد جروار حيدرآباد سنڌ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

٩. پروين ناهيد: ٢٠٠٩ ’ورهاڱي کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي رسالن ۽ مخزنن جو مختصر جائزو‘ ، ’ڪلاچي تحقيقي جرنل جلد ١٢، شمارو ٢‘ ، ڪراچي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر.

١٠. پريم هدايت: ٢٠٠٧ ’سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ انهن جي تحقيق‘ ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

١١. پنهور ايم. ايچ: ٢٠١٠ ’ آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي‘ ، مترجم- ڊاڪٽر محبت ٻرڙو، مرتب- رياضت ٻرڙو، قمبر سنڌ، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي.

١٢. جويو، محمد ابراهيم: ٢١ فيبروري ٢٠١٦ ’جدت ڏانهن ويندڙ دنيا ۽ امڙ جي ٻولي‘ ، روزاني ڪاوش.

١٣. حامي عطا محمد: ٢٠٠٩ ’مقدمو- خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو‘ ، حڪومت سنڌ، ثقافت ۽ سياحت کاتو.

١٤. ڏامراهو بدر: ٢٠٠٨ ’سنسڪرت- سنڌي لغت‘ ، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن.

١٥. سومرو، غلام قادر، ٢٠٠٣ع، ’سنڌي ٻوليءَ ۾ انگن جو سماجي ڪارج‘ ، حيدرآباد، سنڌي لينگوئيج اٿارٽي.

١٦. شيدائي رحيم داد مولائي:٢٠٠٦ ’جنت السنڌ‘ ، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي.

١٧. لاکو، غلام محمد، ١٩٩٧ع، ’سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو‘ ، ڪراچي، ماروئي سماجي سنگت.

١٨. ملاح مختيار احمد: ٢٠١١ ’مقدمو- سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد ٧)‘ ، حيدرآباد، سنڌ،







سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

١٩. ميمڻ محمد صديق: ٢٠٠٥ ’سنڌ جي ادبي تاريخ‘ ، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي.

٢٠. ميمڻ نور احمد: ٢٠٠٤ ’پبلشر نوٽ- سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد‘ ، غلام علي الانا، سنڌيڪا .

٢١. هنٽر جي. آر: ١٩٩٥ ’سنڌو لکت جو بين الاقوامي لکتن سان لاڳاپو‘ ، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.